
ٻلُو دادا
اياز قادري

بلو دادا

(ڪھاڻيون)

اياز حسين قادري

ڊجيٽل ايڊيشن:

2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

جڏهن ”بلو دادا“ ٻيهر ڇپجڻ لاءِ پريس ۾ وڃي رهيو هو تڏهن ڪن دوستن ڪجهه ڪهاڻيون ڪيڏي ڇڏڻ لاءِ مشورو ڏنو ۽ ڪن دوستن ۾ ان وڏيڪ ڪهاڻين جي اضافي جي صلاح ڏني. مون کي ان جو احساس آهي ته هن افسانن جي مجموعي ۾ ڪجهه ڦڪيون ڪهاڻيون آهن جن مان جا نقاد ۽ ڪهاڻيڪار وڏون ڪيندا پر جيئن ته آهي ڪهاڻيون ان دور جون آهن جڏهن ورهاڱي کان پوءِ انسان جي اوسر ٿي رهي هئي تنهن ڪري مان انهن کي ڪيڏي ڇڏڻ مناسب نه سمجهيو. وڏيڪ ڪهاڻين جي اضافي ڪرڻ کان بهتر ائين سمجهيم ته پنهنجين نين ڪهاڻين جو ڪتاب ڌار ڇپايان ته پهرين ۽ ان کان پوءِ وارن ڪهاڻين جو پتو پئجي سگهي.

اياز قادري

8.11.77

ڪمپوزر پاران

”انسان غلطين جو گھر آهي، ويسر سندس فطرت ۾ شامل آهي. اُن ڪري انسان جي لکت غلطين کان پاڪ ۽ صاف نہ ٿيندي، وس آهر ڪوشش ڪبي آهي تہ بھتر کان بھتر ڪيو وڃي. ڪٿي ڪا بہ غلطي هجي تہ ڪمپوزر پاران سمجھجو ۽ نشاندهي ڪجو.

شاهنواز ٽالپر
سنڌ سلامت ڪتاب گھر
sntalpur@gmail.com

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب ”**بلو دادا**“ اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب ڊاڪٽر اياز قادري جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي. شيخ عبدالحليم جوش لکي ٿو:

”اياز جي افسانن جي زبان ادبي هئڻ سان گڏ نهايت سليس مگر سوادي آهي جنهن ڪري سندس افسانن جي افاديت فقط عالمن تائين محدود ڪانه ٿي رهي پر عوام جي هر طبقي تائين پهچي سگهي ٿي. سندس انداز بيان ايڏو ته دلڪش آهي جو معمولي واقعي يا تجربي کي نهايت موثر انداز ۾ پيش ڪري ويو آهي. فني خوبين افسانن جو معيار ايڏو ته بلند ڪيو آهي جو بجا طور چئي سگهجي ٿو ته اياز جو افسانو ٽيڪنڪ خواه پلاٽ جي لحاظ کان اردو جي منتخب افسانن جي مقابلي ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو.

هي ڪتاب 1977ع ۾ **مڪتبه بُرهان** اردو بازار ڪراچي پاران ڇپايو ويو. سنڌ سلامت ڪتاب گهر ست پاران ڪتاب کي ڪمپوز ڪري نئين سر آنلائين اپلوڊ ڪري رهيا آهيون. ٿورائتا آهيون پياري دوست، سنڌ سلامت جي مانواري ميمبر، بدين سان تعلق رکندڙ **شاهنواز ٽالپر** جا جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فهرست

1.ديپاچو
2. پيش لفظ
3. بلو دادا
4. مان انسان آهيان
5. هي ليڊر
6. قانون
7. فرشتو
8. ڪفن چور
9. امڙ مان نہ ڪندس
10. علوءَ جا عشق
11. ڀوڪ
12. بي شرم
13.ڀهروپي
14. هاجران

ديباچو

هن ترقي پسند دور ۾ جتي هر صبح جو پھريون ڪرڻو هڪ نئين عالمي خطري جو پيغام ڪٽي اچي، جتي آزادي جي طلبگارن ڪي هر روز گولين جو نشانو بڻايو وڃي، جتي ماني ٽڪر جي عيوض انسانن کي مشينن وانگر وهايو وڃي ۽ جتي انسانن کي حيواني سطح تي زندگي لاءِ مجبور ڪيو وڃي، اتي ٿي سگھي ٿو ته ڪنهن جهان دوست فلسفي جي نه پر امن پيغام، ڪنهن درد مند شاعر جي دلگذار نغمي ۽ ڪنهن صداقت پسند افسانه نگار جي ناقدانه اشارن تي ٽنوليون ڪيون وڃن. اهڙي اضطرابي ماحول ۾ صحتمند مفڪرن ۽ حساس فنڪارن جي خاموشي بجاءِ خود هڪ عظيم نقصان آهي جنهن جي تلافي مادي جدليت ۽ جوهري توانائي، هزار ڪوشش جي باوجود نٿيون ڪري سگھن.

اسين پنهنجي سوسائٽي ڏانهن نهاريون ٿا ته وک وک تي صداقت کي پشيمان، شرافت کي پريشان، انصاف کي سر به گريبان ۽ انسانيت کي حيران ڏسون ٿا. جتي لِڪ چوري آندل سون جي هڪ تولي تي انصاف خريد ڪري سگھجي اتي سماجي بي انصافن جي موجودگي تعجب خيز نه آهي. اوهين پڇو ٿا ته غريبن جي جھوپڙين ۾ اونده ڇو آهي؟ ظلم ۽ تشدد جي انهن محلن ۾ جهاتي پائي ڏسو جتي چراغن جي جھرمر ۾ رقص ۽ سرود جون محفلون گرم آهن. مزدورن ۽ هارين جي خود غرض رهنمائن کي ڏسو جي چراغن جي روشني ۾ پنهنجي اقتدار جي منزل ڳولي رهيا آهن. غرض ته انسانيت زندگي جي هر راه تي، ڪٿي مزدورن جي بوسيده لباس ۾، ڪٿي هاري جي قاتل وڳي ۾، ڪٿي ڪنهن فنڪار جي بيڪسي ۾، ڪٿي مظلومن جي آنهن ۽ دانهن ۾ ۽ ڪٿي اهل علم جي قابل رحم حالت ۾ ڪڏهن مايوس ته ڪڏهن اشڪبار نظر اچي ٿي. انهن سيني جي مجبورين جو فائدو اسانجي سوسائٽي جا اهي "معتبر" ۽ "معزز" وٺن ٿا جن کي شايد اهو پيدائشي حق حاصل آهي ته اهي انسانن جي هڪ گروه کي پنهنجي وقار ۽ سربلندي لاءِ استعمال ڪندا رهن. اهڙي دردناڪ ماحول ۾ جتي انساني همدردي جي جنس ناپيد هجي اتي "اتحاد" اعتماد ۽ تنظيم جو ذڪر نه هوندو ته ٻيو ڇا هوندو؟ اهڙي فضا ۾ صلاحيتون صحرا جي گلن وانگر ختم ٿي وڃن ٿيون ۽ ڪو ڏانهن اک کڻي به

ڪونہ ٿو ڏسي، سماجي بي انصافي لياقتن کي ظاهر ٿيڻ تہ ڇا پر ابرڻ نہ ٿي ڏي. ايمانداري جي راهہ ۾ بيشمار رنڊڪون حاصل ٿين ٿيون. صداقت کي زهر جو پيالو پياري هميشہ لاءِ سمهاريو وڃي ٿو. حق گوئي کي صليب تي چاڙهيو وڃي ٿو. جيڪڏهن ڪو معاشري جي بتن کي ڀڃڻ گهري تہ هن کي نذر آتش ڪيو وڃي ٿو. تلخ نوا نقاد کي شهر بدر ڪيو وڃي ٿو. بهر صورت اسان جي اجتماعي زندگي هزارها خرابين جو هڪ مجسمو نظر اچي ٿي جنهن کي اسين پنهنجي انفرادي زندگي ۾ تہ ضرور ننديون ٿا پر سماج جي هن وڏي وهڪري ۾ ڪکن ڪانن وانگر لڙهي وڃون ٿا.

اهي آهن معاشري جون رنگين تصويرون جي افساني نگار جي خاني ۾ ڌار ڌار عنوانن سان نظر اچن ٿيون. ادب ۾ ڊرامي ۽ ناول کان پوءِ افسانو هڪ اهڙو زاويو آهي جتان اجتماعي زندگي جون مختلف تصويرون نهايت صفائي سان وٺي سگهجن ٿيون. ڪنهن ملڪ جا افسانا، ان جي معاشري متعلق گهڻو ڪجهہ ٻڌائي ويندا آهن. اهوئي سبب آهي جو ادب ۾ ڪهاڻي يا افساني کي هڪ خاص اهميت حاصل آهي. افساني جو اسلوب ۽ مقصد وقت ۽ ماحول جي لحاظ سان تبديل ٿيندا ويندا آهن۽ معاشري جي تبديلي سان افساني جو مزاج بہ ڦرندو ويندو آهي. هڪ فرض شناس افسانہ نگار، زندگي جي ڪشمڪش ۾ مظلوم سان همدردي جو اظهار ڪري هن ۾ خوداعتمادي پيدا ڪري ٿو ۽ ساڳئي وقت ظالم مفادپرست کي پنهنجي حرڪتن کي باز آڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هو افساني جي دل ڪش پيرايہ ۾ زندگي جون تلخ حقيقتون پيش ڪندو آهي. هڪ فنڪار جي حيثيت ۾ زبان ۽ بيان جي خوبين سان گڏ فني خصوصيتن جو بہ لحاظ رکندو آهي. هڪ ڪامياب افسانہ نگار افساني، جي مقبوليت جو پوري طرح فائدو وٺي، عام مفهوم مگر ادبي زبان ۾ انهن سماجي خرابين جي پاڙپٽڻ لاءِ جدوجهد ڪري ٿو جن کي سياست ۽ سائنس جون شعبده بازيون ختم نٿيون ڪري سگهن.

افساني ۽ افسانہ نگار جي اهميت معلوم ڪرڻ کان پوءِ جڏهن اسين پنهنجي افسانوي ادب تي نظر ڪريون ٿا تہ ادب جي ٻين شعبن وانگر افساني ۾ بہ افراتفري جو عالم نظر اچي ٿو. نعره بازي، بازاري رومان، جذباتي هيجان ۽ جنسياتي بي راهروي کي افسانن ۾ پيش ڪري پڙهندڙن جي جذبات کي اڀاريو وڃي ٿو۽ انهن لاءِ دماغي عياشي جو سامان مهيا ڪيو وڃي ٿو. اهڙن افسانہ نگارن کي ترقي پسند سڏي نٿو سگهجي جي ڪنهن سياسي مڪار وانگر، عوامي مسئلن تي محض نعره بازي ۽ جذبات کان ڪم وٺن ٿا. سنڌ جي موجوده افسانہ نگارن ۾ اوهانکي اهڙا ڪي ٿورا ملندا جن جي افسانن کي فن، زبان ۽ افاديت جي لحاظ کان معياري سڏي سگهجي. انهن ڪن ٿورن بلند پايہ افسانہ

نگارن مان اياز قادري، پنهنجي علمي سنجيدگي جي لحاظ کان منفرد، موضوع ۽ مواد جي اعتبار کان يگانو ۽ ادبي معيار جي نقط نگاھ کان ممتاز نظر اچي ٿو.

اياز سان منهنجي واقفيت 1949 ۾ ٿي. ان وقت مونکي بہ شعر و شاعري جو تمام گھڻو شوق هو ۽ اياز تہ ادبي حلقن ۾ اڳي ئي متعارف هو تنهنڪري اسان جي گفتگو ادب، شعر ۽ تنقيد جي مختلف پهلوئن تي ٿيندي هئي. ڪراچي جي علمي مجلس ۽ معاشرن اياز ۾ پنهنجي دور جو هڪ عظيم شاعر نظر آيو جنهن جلوه فرما هئي. مون هن جي شخصيت جي آئيني ۾ حسن اخلاق جو عڪس ڏٺو آهي. مونکي اياز ۾ هڪ اهڙو حساس انسان نظر آيو جنهن جي طبع سماجي بي انصافين کان مضطرب ٿي ويندي هجي، جنهن جي دل ۾ مظلوم لاءِ همدردي هجي، جنهن جو دماغ تعميري ڳالهيون سوچيندو هجي ۽ جنهن جون نگاهون وقت ۽ ماحول جا اشارا سمجهنديون هجن. هن جڏهن افسانا لکڻ شروع ڪيا تہ مون کيس افسانن ڏانهن مائل ٿيڻ کان جهليو. مون سمجهيو ٿي تہ جيڪڏهن اياز افسانن ڏانهن رخ ڪيو تہ اسانجو شعوري ادب هڪ با ڪمال شاعر جي زندگي بخش ڪلام کان محروم رهجي ويندو. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، مونکي اياز جي افسانن ۾ فن ۽ زندگي جو امتزاج نظر اچڻ لڳو. مون هن جي افسانن جو مطالعو هن جي شخصيت جي پس منظر ۾ ڪيو آهي ۽ انهن کان هن ڪري متاثر آهيان جو مونکي اياز جي قول ۽ فعل ۾، شخصي ڪردار ۽ ادبي حيثيت ۾ هڪ صحت مند يگانگت نظر آئي آهي. مونکي نہ هن جي زندگي ۾ ڪڏهن تصنع ۽ بيجا تڪلف نظر آيو آهي ۽ نہ هنجي افسانن ۾ انساني همدردي جو مصنوعي جذبو نظر آيو آهي. جن خرابين جي خلاف هن افسانن ۾ آواز بلند ڪيو آهي تن جي مخالفت هو زندگي جي عملي دائري ۾ بہ ڪندو رهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو هن جي افساني جي آلبم ۾ عورت جون برهنہ ۽ نيم برهنہ تصويرون نٿيون اچن. هن جي افساني جي گنبذ ۾ "نعره بازي" جو پڙاڏو ٻڌڻ ۾ نٿو اچي. جتي هو سرمايہ دار جي بڇڙاين تي طنز ڪري ٿو اتي عيار سماجي ڪارڪنن ۽ بداخلاق قومي ڪارڪنن ۽ بداخلاق قومي رهنمائن جي پوشيده ڪارنامن کي بہ بي نقاب ڪري ٿو. (افسانو هي ليډر). انهن سيني ڳالهين کان وڌيڪ هن جي افسانن ۾ اخلاقي قدرن جو عڪس نظر اچي ٿو ڇو تہ هو انساني عظمت جو قائل آهي (مان انسان آهيان) . هو رشوت خوري جي مخالفت ۾ قانون جي محافظن جي غير قانوني حرڪتن تي فنڪارانہ انداز ۾ نهايت تلخ طنزون ڪري ٿو. (قانون).

اياز جي افسانن جي زبان ادبي هئڻ سان گڏ نهايت سليس مگر سوادي آهي جنهن ڪري سندس افسانن جي افاديت فقط "عالمن" تائين محدود ڪانہ ٿي رهي پر عوام جي هر طبقي تائين

پهچي سگهي ٿي. سندس انداز بيان ايڏو تہ دلڪش آهي جو معمولي واقعي يا تجربي کي نهايت موثر انداز ۾ پيش ڪري ويو آهي. فني خوبين افسانن جو معيار ايڏو تہ بلند ڪيو آهي جو بجا طور چئي سگهجي ٿو تہ اياز جو افسانو ٽيڪنڪ خواهہ پلاٽ جي لحاظ کان اردو جي منتخب افسانن جي مقابلي ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو.

مان گهران ٿو تہ اياز جي هر هڪ افساني ۾ مونکي جيڪي بہ خوبيون نظر اچن ٿيون سي پڙهندڙن تي واضع ڪريان پر افسوس تہ ديپاچي جي تنگ داماني هن ڳالهہ جي اجازت نٿي ڏئي. صرف هڪ افساني جو اجمالي تذڪرو ڪريان ٿو جو اميد تہ نامناسب نہ ٿيندو.

اياز جو افسانو "مان انسان آهيان" هڪ اهڙي دردناڪ واقعي جي تصوير آهي جنهن جو تعلق ملڪي ورهاڱي وارن حيواني فسادن سان آهي. انهن فسادن ۾ سچ پچ تہ انسانيت کي جنهن بيدردي سان ڪنو ويو تنهنجي تصوير اگرچہ هندو پاڪ جي سينی معياري افسانہ نگارن پيش ڪئي آهي پر اياز پنهنجي اسٽائيل ۾ وري بہ منفرد نظر اچي ٿو. هن افساني جو مرڪزي ڪردار هڪ اهڙو فقير آهي جو مذهب ۽ ڌرم جي متعصبانہ تفريق کان بي نياز انساني عظمت جي هڪ اهڙي بلند مقام تي نظر اچي ٿو جتي پهچي هو عام انسانن کي باهمي تعصب ۽ ذاتي خود غرضين کان گهڻو بلند ڏسڻ گهري ٿو. اياز هن افساني جي مرڪزي ڪردار جو تعارف هن ريت ڪرائي ٿو.

"ڪنهن کي خبر نہ هئي تہ هو ڪير هو؟ هن جو نالو ڇا هو؟ هن جي ذات ڪهڙي هئي؟ هن جو مذهب ڪهڙو هو؟ هو ڪٿان آيو هو؟ انهيءَ هوندي بہ شهر جو ننڍو وڏو کيس سڃاڻندو هو. ڪڏهن مندرن مان نڪرندڙ ناقوس جي صدا، جا آسمان تائين ڦهلجي ويندي هئي، ٻڌي مندر جي دروازي وٽ وڃي وهندو هو. .... صبح جو جڏهن مسجد جي اوچين منارن مان موذن جي الله اڪبر جي صدا ڪائنات ۾ پکڙجي ويندي هئي، تہ هو خاموشي سان اٿي اچي مسجد جي چائنٽ وٽ ويهندو هو.... "

افساني جي ابتدا سوال جي نشانين سان ٿئي ٿي ۽ انهن کي اسٽائيل جي خوبي چئجي يا فن جي نزاڪت جو پڙهندڙ افساني جو ماحول ۽ پلاٽ جي نوعيت معلوم ڪرڻ کان اڳ، "شهر جي ننڍن وڏن" وانگر "فقير بابا" جي انساني عظمت کان متاثر ٿئي ٿو. فساد جو دور شروع ٿئي ٿو. هندو مسلمانن کي ۽ مسلمان هندن کي مذهبي جنون وچان قتل ڪرڻ لڳن ٿا. قتل ۽ غارتگري جي هن هيبت ناڪ عالم ۾ هڪ شام اهڙي بہ اچي ٿي جڏهن.... "ٻہ ٽي نوجوان وڻن کان ٻاهر نڪتا، تون ڪير آهين؟ تنهنجو نالو ڇا آهي؟ تنهنجو مذهب ڪهڙو آهي؟ سالو ڪافر آهي ايتري ۾ هڪ ڇرو اونده ۾ وڄ وانگر

چمڪي ٿو ۽ فقير بابا جي ڇاتي ۾ پيوست ٿي وڃي ٿو. انسانيت جو هي زخمي نمائيندو ويران ۽ تاريڪ ڳلين ۾ اڳتي وڌي ٿو ته ايتري ۾ انسانيت جا پيا شڪاري مٿس حملو ڪن ٿا. "تون ڪير آهين؟ تنهنجو نالو ڇا آهي؟ ڍتين جي پاڇن ۾ بيٺل ٽن نوجوانن هن کان پڇيو پر ڪنهن کي جواب به ڪونه مليو. آخر فقير بابا کي اسلام جو ليبل لڳائي پيٽ ۾ ڪرپان هنيو وڃي ٿو. فقير بابا جي زندگي سوال جي نشانين کان شروع ٿي سوال جي نشانين تي ختم ٿي وڃي ٿي. مرڻ کان اڳ هو ڊاڪٽر کي چوي ٿو:

"ڊاڪٽر صاحب مان هندو. . . . . . نه نه. . . . مسلم. . . . . نه نه ڊاڪٽر صاحب مان انسان آهيان. منهنجو مذهب انسانيت جو مذهب آهي. ڊاڪٽر صاحب مونکي زخم پنهي هندو. . . ۽ مسلمانن. . . کان رسيا آهن. . . منهنجا زخم انسانيت جا آهن. . . . منهنجو موت انسانيت جو موت آهي. ڊاڪٽر صاحب منهنجو لاش هندو مسلم پنهي جي حوالي ڪجو جنهن ۾ هو پنهنجي شڪل ڏسي سگهن. جن ۾ هو ڀڳوان جي اڳيان سر نوائڻ الله اڳيان سجدا ڪرڻ جهڙيءَ طرح ڏسي سگهن. پري کان ناقوس جي صدا آئي، اذان جو آواز آيو. . .

ڪيڏو نه دردناڪ داستان هي سوسائٽي جي ظاهري ديانتداري ۽ تقدس تي ڪيڏي نه مناسب چوٽ آهي. فقير بابا جي "وصيعت" افساني جي پڇاڙي کي نه فقط وڌيڪ دردناڪ بڻائي وڌو آهي پر مجموعي تاثر ۾ اضافو ڪيو آهي.

تصوير ڪشي يا منظر نگاري فقط شاعر جي زبان ۽ مصور جي قلم تائين محدود نه آهي پر فن جي دنيا ۾ هڪ ڪامياب افسانه نگار کي مصور جي خاموش ۽ ساڪن تصويرن کي متڪلم ۽ متحرڪ ڪري پيش ڪرڻو آهي. نه فقط ايترو پر انهن تصويرن ۾ زندگي جون علامتون به ڪي قدر تفصيل سان ڄاڻائڻيون آهن. جيڪڏهن اياز جي افسانن تي نظر ڪبي ته تصوير ڪشي ۽ منظر نگاري جا بهترين مثال ملن ٿا جي هن جي بيان جي قدرت ۽ فنڪارانه عظمت تي دلالت ڪن ٿا. "مان انسان آهيان" ۽ "بلو دادا" ان نقطئہ نگاهه کان پنهنجي عروج تي آهن.

مون پنهنجا تاثرات بنا ڪنهن تصنع ۽ مبلغي جي پوري ذمي داري سان پيش ڪيا آهن. اياز جا افسانا اوهان جي اڳيان آهن. تنقيد جي ڪسوٽي تي افساني جي هر پهلو کي پرکيندا هلو. شايد اوهان کي اجا به وڌيڪ خوبيون نظر اچن جي مون کي واضع نه ٿيون هجن.

انهن گذارشن کان پوءِ مان محترم اياز حسين اياز قادري کي گرانقدر افسانن جي هن شاندار مجموعي ڇپائڻ تي مبارڪباد ڏيان ٿو. مونکي قوي اميد آهي تہ هي ڪتاب سنڌ جي ادبي حلقن ۾ غير معمولي مقبوليت حاصل ڪندو.

شيخ عبدالحليم جوش
1957-06-20ع

پيش لفظ

ادب زندگيءَ جو آئينو آهي. زندگيءَ کي جنهن رنگ ۾ مون ڏٺو آهي انهيءَ رنگ ۾ پنهنجي افسانن ۾ پيش ڪيو اٿم.

منهنجي افسانن جا پلاٽ نه ڏاريا آهن ، نه خيالي هي اهي تلخ حقيقتون آهن جنکي اسين پنهنجي زندگيءَ ۾ هر روز ڏسون ٿا. مون فقط ايترو ڪيو آهي جو انهن کي افسانوي رنگ ڏئي پيش ڪيو آهي.

منهنجي افسانن جا ڪردار نه فرشتا آهن نه شيطان هو فقط سادا سودا انسان آهن جن ۾ ڪيترن خوبين سان گڏ خاميون به آهن ڪيترن خامين هوندي به خوبيون به آهن. هو پنهنجي ماحول جي پيداوار آهن ۽ پنهنجي ماحول کان متاثر ٿئي ڪوعمل ڪن ٿا جن کي اسين گناه يا ثواب سڏيون ٿا. جنهنڪري انکي فرشتويا شيطان جو لقب ملي ٿو.

آءُ پهريان شاعر ۽ پوءِ افسانه نويس آهيان – مون جڏهن ڏٺو ته منهنجي سماج ۾ جيڪي وهي واپري ٿو جيڪو منهنجي دل ۾ اٿل پٿل پيدا ڪري ٿو سو شاعري کان وڌيڪ افساني ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو تڏهن مون شاعري سان گڏ افسانا لکڻ شروع ڪيا. منهنجي ڪيترن دوستن ائين ڪرڻ کان روڪيو– هنن جو چوڻ هو ته هڪ هٽ ۾ به گدرا نه ايندا مگر منهنجي افساني جي پهرين ڪوشش ايتري مقبوليت حاصل ڪئي جو مونکي يقين ٿي ويو ته آءُ افسانا لکي سگهان ٿو ۽ مان سواءِ هٻڪ جي افسانا لکڻ شروع ڪيا.

منهنجي دوستن مان نورالدين سرڪي ۽ عبدالحليم "جوش" هر وقت منهنجي همت افزائي ڪندا رهيا جنهن ڪري پاڻ نئين ميدان ۾ بي ڌڙڪ وک وڌائيندو رهيس.

مولوي عبدالواحد سنڌي ۽ محمد ابراهيم جوئي به جنهن نموني منهنجي افسانن کي پنهنجي رسالن "نئين زندگيءَ" ۽ "مهراڻ" ۾ جاءِ ڏئي منهنجي همت افزائي ڪئي آهي تنهنکي به وساري نٿو سگهجي. محمد ابراهيم جوئي، جو سنڌ ۾ افساني جو وڏو ڄاڻو آهي، جي تنقيدن بحثن ۽ مشورن افسانوي فن کي سمجهڻ ۽ ادا ڪرڻ ۾ منهنجي وڏي مدد ڪئي آهي.

هن ڪتاب جو وجود ۾ اچڻ جو سهرو ديوان موتيرام رامواڻي ۽ نورالدين سرڪيءَ جي سر آهي جن مونکي هن ڪتاب ڇپائڻ لاءِ تيار ڪيو.

هن ڪتاب جي مختلف افسانن کي مختلف هنڌان نقل ڪرڻ ۾ عبدالغني بلوچ جا محنت ڪئي آهي تنهن لاءِ سندس شڪر گذار آهيان.

اياز قادري

لاڙڪاڻو

25 **جون** 1957ع

بلو دادا

هو سڄي پاڙي ۾ بدنام هو. هر ڪو هن کان ڪُو ڪائيندو هو. جهڙو تهڙو ته هن جو نالو به ڇرڪي وٺندو هو. پئسي وارا، هن کي گونبو سمجهندا هئا. پاڙي جو داداگير ليکيو ويندو هو. سندس نالو بلاول هو، مگر ڪيس ڪوٺيندا هيا "بلو دادا" رنگ جو ڪارو ڪٺ، وار ننڍڙا، گهنڊيندار ۽ سخت، ڪيتري به تيل لائڻ سان نه نرم ٿيندا هئا، ۽ نه ئي ڦٽي ڏيڻ سان ئي ڪنهن طريقي تي ويهندا هئا، منهن ڪشادو ۽ گول، اکيون ننڍيون ۽ حرفت ڀريون جن ۾ هر وقت حرڪت پئي نچندي هئي، نڪ ڏٺو مگر ناسون ويڪريون، چپ ٿلها، ڏند وٺيرڪا، جي مساڳ لڳائيندو هو ته چپ ڳاڙها ۽ ڏند اڇا ٿي ويندا هئس، پر جي پان ڪائيندو هو ته ڏند ۽ چپ ٻئي ڳاڙها، ڇاتي ڪشادي بازو سخت ۽ مضبوط جهڙو رڪ، قد جو ڇوٽو، سندس منهن ۾ اهڙو رعب هوندو هو جو ڪنهن ڏانهن ڪاوڙ مان نهاريندو هو ته همراه کي ڏڪڻي وٺي ويندي هئي، آواز ۾ ڪڙڪو ۽ ڪڙڪو هر وقت پيو گجندو، ڳالهين جو گهير، جي ڳالهائڻ ۾ ڇنڪيو ته خدا بس ڪرائيس، فٽ بال جو چيمپيئن. گهٽو ڪري راند ۾ سينٽر فارورڊ بيهندو هو. باڪسنگ جو ڪوڏيو هر وقت اها ڳالهه ته ليفٽ پنچ ڪيئن هڻجي ۽ رائيٽ بلو ڪيئن گسائجي.

منهنجي ڄاڻ سڃاڻ ساڻس چاڪيواڙي ۾ ٿي. گهٽو ڪري جهانگيان مڪرانيءَ جي ڪيبن تي ويٺو هوندو هئو. ڄنگهون ٽيبل تي ۽ پٺي پٽ سان. پاٽي ۽ چانهه جو گلاس، ڪنهن وقت ڀريل ڪنهن وقت خالي، هميشه سندس پرسان پيا هوندا هيا. آءُ لنگهندس ته وڏي واڪي چوندو "ماستر اڇ چانهه پيءُ." مونکي ڪنهن وقت "ماستر" ڪنهن وقت "سائين" چوندو هو. آهستي آهستي، اسان جو ناتو ويو وڌندو. مونکي سندس مڪراني گاڏڙ سنڌي لهجو ڏاڍو وڻندو هو. چاهيندو هوس ته پل پيو قصا ڪٽي. جي سندس ويجهو ٿيندو هوس ته ڳراٽڙي پائي ڪٽي هٿ هٿ ۾ ڏيندو هو. منهنجي ٻين دوستن کي اسان جي سنگت پانءُ نه پوندي هئي. پاڙي وارا به رنج هئا. مائٽ مٽ به تنگ. اسڪول جا ماستر به چڱو نه سمجهندا هئا. شاگرد ڪجهه ڪچندا ته ڪين هئا، مگر بلو جي داداگيريءَ جا داستان لاهي چاڙهي پيا بيان ڪندا هيا.

هڪڙي ڏينهن هيڊ ماستر به رکي رکي چئي ڏنو "اوهان کي پاڻ جهڙن تعليم يافته ماڻهن جي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي!" مائٽن چيو "توکي ٻيو ڪو ماڻهو ملي ئي نٿو جو هڪڙي گسيءَ سان

ڪٽي يارا ٽو ڳنڍيو ائين!" دوستن دڙڪو ڏنو تہ "يار، جيڪڏهن تنهنجي انهي گوندي سان سنگت آهي تہ اسان جي الله توهار!" مون بہ ڪنهن جي پرواهہ نہ ڪئي. آخر دوستي جو ٿئي.

هڪڙي ڏينهن، جيئن چاڪيواڙي پهتس، ڏٺم تہ گوڙ لڳو پيو آهي. ماڻهن جا حشام بيٺا آهن. بلوءَ جي گارين جو زيپٽ پيو پوي. مون سمجهيو اڄ خير نہ آهي الاءِ ڇا ٿيو آهي. گوڙ ڪي چيريندو اڳتي وڌيس. ڏسان تہ ڪار بيٺي آهي انجي اڳيان بلو هڪ موٽي سيٺ کي گردن مان جهليو بيٺو آهي، "سالا حرامي جيڪڏهن تو کي ڪار نٿي هلائڻ اچي تہ ڪار ڇو هلائي ٿو!" سيٺ ڪرڙي وانگر پئي ڦٿڪيو. "ڇا توهان سيٺا دنيا جي نشي ۾ ايترو انڌا ٿي ويا آهيو جو غريبن جي مٿان اکيون ٻوٽي ڪارون ٿا چاڙهيو!" مون وجي بلوءَ کي پنيان پاڪر وڌو. منهن ورائي دانهن ڪيائين سائين ڏسو "هي حرامخور کهڙو نہ بيپرواهي سان ڪار ٿا هلائين. غريب ڇوڪري مٿان ڪار چڙهيو اٿس. ان کي اسپتال ڇڏڻ بدران ڪار ڀڄائي ٿو وڃي." ائين چئي هڪڙو زور سان چنبو وهائي ڪڍيائينس. مون ڪٽي سندس هٿ روڪيو ڪجهہ جوش گهٽيو. سيٺ کي چيائين، "ڪڻ هن ڇوڪري کي ڪار ۾." ڇوڪر کي ڪار ۾ ڪٽائي اسپتال آياسين. ڊاڪٽر جي في سان گڏ ڇوڪرن جي مائٽن کي پنجاهہ روپيا وٺي ڏياريائين، تڏهن وڃي سيٺ جي جان ڇٽي.

هڪڙي ڏينهن، جيئن اسڪول ۾ گهڙيس تہ ڇوڪرن چيو " سائين رات اسان جي پاڙي ۾ وڏو جهيڙو ٿيو آهي." مون سمجهيو ضرور ، بلوءَ ڪو دنگو مچايو هوندو. "سائين رات بلو دادا ٽن چئن اشرافن جي لاڪ لاٿي آهي. ويچارن کي خوب موچڙا هنيا اٿس. سندس رت ڪتو ڪونہ ڇٽي. بس ڪين اڌ مئو ڪري، ڇڏي ڏنائين." مونکان هينئر تہ پڙهائڻ وسري ويو. اچي اڻ تڻ لڳي تہ رات الائي ڪهڙو معاملو ٿيو آهي. جيئن تيئن ڪري، وقت گذاريم. جڏهن اسڪول کان ڇُٽي ملي، ڏسان تہ جهانگيان جي ڪيبن تي مڙس اکيون سڄايو ويٺو آهي. وڃي پرسان وينومانس، هوٽل جي ڇوڪر کي واڪو ڪري چيائين، چانهہ ڪٽي آءُ. "مون چيس"، آءُ "تنهنجي چانهہ نہ پيئندس."

"آخر ڇو؟"

"تو ڪيترا ڀيرا مون سان وعدو ڪيو آهي تہ داداگيري نہ ڪندين، مگر جيئن تڏ تيئن وڏ."

يڪدم وراڻيائين، "سائين ، پهرين ڳالهہ تہ ٻڌ. رات ڇا ٿيو. ٽي حرامزادا سوٽيل بوٽيل، پاڙي جي ڇوڪرين جي پنيان پيا ڦرن. پلا سائين ، تون ڇئو اهڙي وقت بلو بس ڪري ويهي؟ بہ ٽي لپاٽون هٽي، سالن کي سبق سيکاري ڇڏيم."

هڪڙي دوست جي شادي جي ملير ۾ ڪوٽ ملي. بلوءَ کي چيم گڏجي هلنداسون. پروگرام رکيوسون تہ هتان آچر ڏينهن، ڏهين ڏاري، چاڪيواڙي کان نڪري، لي مارڪيٽ وٽان بس پڪڙي، ملير هلنداسون. سڄ واري ڏينهن، اجان چاڪيواڙي کان سؤ کن وکن جو مس کنيوسين تہ پٽ جي پاڙ ۾ ڪنهن مسڪين جو لاش نظر آيو. سمجهہ ۾ ائين پئي آيو تہ ڪو پرديسي بيمار آهي، جنهن کي رات سيءَ سڪائي ڇڏيو آهي. ڏسندي چيائين، "سائين، هن جو نڪاٽو ڪيون." مون اجان ڪجهہ ڪيو ئي تہ جهٽ وراڻيائين، "ڪنهن جي شادي ۾ وڃڻ بدران ڪنهن جي غمي ۾ شريڪ ٿيڻ پلو آهي." آءٌ چپ ڪري بيهي رهيس بگي واري کي سڏ ڪيم. بگي وارو پڙ ڪڍي بيٺو چي "آءٌ پنهنجي بگي تي لاش نہ کڻندس." بلوءَ سو قميص کان چڪي هيٺ لاٿس. بگيءَ وارو ائين ڪچي جهڙي پيت. لاش بگيءَ ۾ کڻي، اچي مسجد وٽ پهتاسون. مون وٽ پوبون تاريخون بلوءَ وٽ پئسو نهي ڪونہ.

"بلو هينئر ڇا ٿيندو؟"

"سائين، هي بليڪ مارڪيٽيز" سيمنٽ جي نهيل وڏي بلڊنگ ڏي اشارو ڪندي چيائين، "اسان جي ئي پئسن سان شاهوڪار ٿيا آهن، اڄ اسانجي موت تي هنن کي پئسا ڏيڻا پوندا." مونکي لاش وٽ ويهاري، پاڻ سيمينٽ واري بلڊنگ ۾ گهڙي ويو ۽ ٿوري دير کان پوءِ موٽي آيو. سندس هڪ هٿ ۾ ڏهين ڏهين روپين جا بہ نوٽ هيا ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪليل چاقو. "بلو هي چاقو!" "سائين، پهريان تہ گوٺ ناٿ پئي ڪيائين، مگر هن کي ڏسي ڊڊر ئي ڊرا ٿي پيس."

جيئن وئڪيشن ختم ڪري، ڪراچي وريس اندر ۾ اُڪير هيم تہ بلو سان ملان، جڏهن جهانگيان جي ڪيبن وٽ پهتس، ڏٺم تہ بلو غائب هو. جهانگيان ٻڌايو تہ بلو مڪران هليو ويو آهي.

"ڇو؟" مون يڪدم پڇيس.

"سائين"، سيمينٽ جي بلڊنگ ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، "سيٺ صاحب، بلوءَ کي گونڊا ائڪٽ هيٺ شهر نيڪالي ڏياري ڇڏي آهي."

مان سوچ ۾ پئجي ويس، ڇا بلو سچ پچ گونڊو هو؟

ڪتي جي موت

ٻاهر سردي هئي، ستارا بہ جڻ سيءَ ۾ پئي ٺٺڪيا ۽ سيءَ کان بچڻ خاطر پنهنجا جسم ڪڪرن جي ڪمبلن ۾ ڇپائي ڇڏيائون. آسمان ۾ بادلن جي ڏک ڏوڙ لڳي پيئي هئي جڻ هماليہ جي برف وارن چوٽين تان سيءَ جا ڀيڙا ڀري ٿي آيا. برسات ڪري ٻٽ زمينن جا خشڪ وات ڏر ٿي ويا هئا. اتر جي هوا سوسات ڪري پئي لڳي. هوا جي سرد جهوٽن جسم ۾ ڏڪندڙ گرم گرم رت کي ڄمائي ٿي ڇڏيو. وڻن جا پن، ڪنهن برفاني طوفان ۾ ڦاٿل قافلي وانگر ٿي ڏڪيا. وڻن جا ٿڙ، انهيءَ مسافر وانگر جنهن کي سيءَ سبب چرڻ پرڻ جي قوت نہ رهي هجي، ڄمي ويا هئا. آکيرن ۾ ويٺل پکين سيءَ کان بچڻ خاطر پنهنجا منهن پرن ۾ ڇپائي ڇڏيا. ڳوٺ جي جهوپڙين مان نڪرندڙ دونهون بہ جڻ ڏڪندو ڏڪندو رات جي اونداهيءَ ۾ گم ٿي ويو هو.

ڳوٺ جي جهوپڙين جي وچ ۾ وڏيري جو بنگلو جڻ انهن جي غريباڻي حال تي ٺٺولي ڪري رهيو هو. بخاري ۾ ٻاهر جا الا ڪڏهن پڙڪي ٿي اٿيا ۽ ڪڏهن جهيڻا ٿي ٿي ويا. الن جي لالائي مائل روشني ۾ وڏيري جو چهرو ٽامي وانگر لال ٿي ڏسڻ ۾ آيو ۽ ان جي جهيڻي ٽيڻ سان ڪارا ٿجي ٿي ويو. هنجي منهن ۾ سونڊ ۽ نرڙ ۾ گهنج هيا. پنهنجي وڏن مڇن کي خار مان مروڙي رهيو هو. هنجا چپ پئي ڦڙڪيا اکيون ڪرڙيون ڪري پنهنجي نوڪرن ۽ ڪمدارن ڏانهن پئي ڏٺائين نوڪر قطار ۾، انهن ڏوهين وانگي جن کي سزا ٿيڻي هجي، بيٺا هيا. هر ڪو ائين سمجهي رهيو هو تہ اڄ سندس خير ڪونهي. آخر وڏيري رڙ ڪئي، خاموش بيٺل نوڪرن جا جسم لرزڻ لڳا "ڇٽبو اوهان حرام جا ٽڪر ٿا ڪائو؟ آخر ڪيڏانهن ويو؟" وڏيرو چپ ٿي ويو. "جيڪڏهن منهن جو موتي هن وقت پيدا نہ ٿيو هجي تہ توهانجيءَ پني تي ڪل نہ هوندي." وڏيري ڏک ڀرين اکين سان منجيءَ ڏانهن ڏٺو جنهن تي موتيءَ جي جسم کي گرم ڪرڻ لاءِ ريشمي گاديلا خالي پيا هئا. نوڪر هوريان هوريان هڪ ٻئي پنيان بنگلي کان ٻاهر نڪري آيا.

وڏيرو موتيءَ متعلق سوچڻ لڳو. گرچہ هن وٽ ٻيا بہ ڪيترائي ڪتا هئا مگر ڪوبہ موتيءَ جو مٽ ۽ ثاني نہ هو. ٻين ڪتن جي خدمت لاءِ هڪ هڪ پر موتيءَ جي خدمت لاءِ ٻہ ماڻهو مقرر ڪيل

هئا. ٻين ڪتن جون جايون الڳ نهيل هيون مگر موتي جي منجيءَ وڏيري جي پلنگ جي ويجهو ئي پيل هئي. صبح جو موتيءَ کي وهنجاري صاف ڪري وڏيري جي خدمت ۾ حاضر ڪيو ويندو هو ۽ وڏيرو موتيءَ کي ڏسي باغ باغ ٿي ويندو هو.

رات پڄندي ويئي. سردي وڌندي وئي. ڪڪرن مان هلڪيون بوندون ڪرڻ لڳيون. هوا جو آواز تيز ٿيندو ويو. ٻاهر گهگهه اونداهي ڇانئجي ويئي. اوچتو وڏيري جي ڪنن تي موتيءَ جي ڀونڪڻ جو آواز پيو. وڏيرو ٽپ ڏيئي بستري مان اٿيو ۽ تڪڙو تڪڙو در ڏانهن وڌيو "موتي". وڏيري گلو جي ڪڇ مان موتي کي ورتو. گلوءَ جو جسم، جنهن تي هڪ ڇيڪ جي پراڻي قميص پيل هئي، برسات ۾ سڄو پڇي ويو هو. ٿڌي هوا ۾ هن جو جسم بيد وانگر پئي ڏڪيو. سندس ڪاڏي ۽ ڏند ڪڙڪي رهيا هئا. "سائين" گلو ڏڪندي چيو ۽ پنهنجا برف جهڙا هٿ ڪٽي ڪڇن ۾ وڌائين "موتي رمون جي ڪتيءَ جي ڀوبان هليو ويو هو. گهٽي ٻولا ڪان پوءِ ڪيس موچين واري ڍنل جاءَ مان لڌو اٿم." گلوءَ پنهنجي اگهاڙن پيرن جنکي عمر ڀر شايد جوتو نصيب نه ٿيو هو گرم ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي مٿان رکيو. وڏيري جڻ گلوءَ جي ڳالهه ٻڌي ئي نه. "تون ته سيءَ ۾ ڏڪي رهيو آهين." وڏيرو موتي کي بخاري جي ويجهو کڻي آيو " جيڪي رول هوندا آهن تنجو اهڙو حشر ٿيندو آهي. هٿ ٻاهه جو سيڪ وٺ." وڏيرو اٿيو يڪدم ٽوال کڻي آيو. موتيءَ جي جسم کي خوب مهٽيائين. گرم کير ڪڍي ٿورو موتيءَ جي پيالي ۾ وڌائين. موتي ڪوڪاٽ ڪرڻ لڳو جڻ وڏيري کي پنهنجو ۽ رمون جي ڪتيءَ جو عشق جو داستان ٻڌائي رهيو هو. وڏيري گلوءَ ڏانهن ڏٺو جنهن جو سڄو جسم ڏڪي رهيو هو ۽ ڪپڙن مان مينهن جون بوندون ٽم ٽم ڪري وهي رهيون هيون. "اڙي گلو تون اڃان بيٺو آهين؟" گلو ڏڪندو ڏڪندو در کولي ٻاهر هليو ويو. ٻاهران هوا جو برف جهڙو سرد جهوٽو اندر لنگهي آيو. "ڪمڙي نه ٿڌ آهي!" وڏيري اٿي در بند ڪيو ۽ منجي کي سوري ٻاهه جي ويجهو رکيائين. گديلي تي موتيءَ کي سمهاري ان جي مٿان ڪمبل وجهي ڇڏيائين پر موتي سڄي رات ڪوڪاٽ ڪندو رهيو.

صبح ٿيو مگر موتيءَ جا ڪوڪاٽ بس نه ٿيا. وڏيرو وڏي ڳڻتي ۾ پئجي ويو "ضرور موتيءَ کي سيءَ جي سٽ اچي وئي آهي." وڏيرو بيچين ٿي ويو. اڳي پيپي به ٿڌ لڳڻ ڪري اهڙي ريت ڪوڪاٽ ڪري مري وئي هئي. سج مٿي چڙهي آيو مگر موتيءَ ماٺ نه ڪئي ۽ وڏيري جي ڳڻتي وڌندي وئي. موتيءَ کي يڪدم ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ گهرجي. ڊرائيور کي ڪار ڪيڍڻ لاءِ چيائين، ڊرائيور ادب سان چيو "برسات سبب شهر ڏانهن وڃڻ جو ڪو رستو نه آهي. اڄ جي سڄ رهيو ته سڀاڻي رستو ٿي ويندو." وڏيري کي ڊڪر وٺي ويا ۽ ڪنهن ڳوڙهي ويچار ۾ پئجي ويو. "سائين گلو کي سردي لڳي وئي آهي.

لڱ مڇ ٽا ٻرنس. ڪرڙيءَ وانگر ٿو ڏڪي ۽ رڪي رڪي ٿو وڦلي.“ ڊرائيور هٻڪندي چيو. وڏيرو ڊرائيور کي خار مان گھورڻ لڳو ”مان ڇا ڪيان؟ ڏسين نہ ٿو تہ مونکي ڪنهن ڳالهہ جو هوش ڪونهي.“

سڄو ڏينهن ۽ رات موتي ڪوڪندو رهيو. گلو ڦلندو رهيو. وڏيري ڪان جيترا جتن ٿي سگھيا اوترا موتيءَ جي ماٺ ڪرائڻ لاءِ ڪيائين مگر موتيءَ ماٺ نہ ڪئي. صبح جو سوير وڏيري ڊرائيور کي ٻاهر ڪار ڪڍڻ لاءِ چيو. موتيءَ کي ڪمبل ويڙهي گود ۾ وهاريائين. اوچتو ويجھو جھوپڙي مان رڙ ٿي، “ابا گلو!” ڪار تيز تيز ڊڪندي شهر ۾ جانورن جي ڊاڪٽر جي در تي اچي بيٺي.

مان انسان آهيان

ڪنهن کي خبر نہ هئي تہ هو ڪير هو؟ هن جو نالو ڇا هو؟ هن جي ذات ڪهڙي هئي؟ هن جو مذهب ڪهڙو هو؟ هو ڪٿان آيو هو؟ انهيءَ هوندي بہ شهر جو وڏو ننڍو ڪيس سڃاڻندو هو. هن کي ڪافي ورهين کان وٺي ڏسندا پئي آيا. سانت ئي سانت پنهنجي خيالن ۾ گم. ڪڏهن هو مندرن مان نڪرندڙ ناقوس جي صدا، جا آسمان تائين ڦهلجي ويندي هئي، ٻڌي مندر جي دروازي وٽ وڃي وهندو هو. مندرن ۾ وڄندڙ گهنٽين جو شور ۽ پوڄارين جا ڀڄن ٻڌي هو انهيءَ ۾ مگن ٿي ويندو هو. هو پوڄارين کي ديوتائن اڳيان سر نوائي وينتي ڪندو ڏسي خاموش ٿي ويندو هو ڄڻ ڪنهن فيلسوف وانگر اهڙي ڳوڙهي مسئلي تي ويچار ڪري رهيو هجي، جنهن جو حل ڪيس نہ ملندو هجي. مندر مان نڪرندڙ مرد ۽ عورتون هن کي ڏسي چوندا هيا ڀڳوان جو سنت آهي سندس ڀڳوان سان لنو لڳل آهي.
صبح جو جڏهن مسجد جي اوچن منارن مان موذن جي الله اڪبر جي صدا ڪائنات ۾ چؤطرف پکڙجي ويندي هئي، تہ هو خاموشي سان اٿي اچي مسجد جي چائنٺ وٽ ويهندو هو ۽ وضو ڪندڙن ڏانهن خاموش نظرن سان نهاريندو هو. جڏهن پيش امام قرآن شريف جو سورتون قرآت سان پڙهڻ شروع ڪندو هو تہ ان جي مٺي آواز ۾ مست ٿي ويندو هو ڄڻ ڪيس دلي مسرت حاصل ٿي رهي هجي. جڏهن نمازين کي سجدي ۾ ويندو ڏسندو هو تہ هو وري اهڙي مسئلي تي سوچ ۾ پئجي ويندو هو جو هن کان حل نہ ٿيندو هجي. مسجد مان نڪرندڙ نمازي ڪيس ڏسي چوندا هيا، "ويچارو مجذوب آهي. الله جو پيارو ٻانهو آهي."
ننڍو وڏو، مرد عورت، هندو مسلمان ڪيس فقير بابا ڪري سڏيندو هيو. ڪيس نہ گهر هو نہ گهاٽ مالڪ جي زمين سندس بسترو هئي ۽ آسمان هن جي محل جي ڇت جنهن ۾ چند تارن جا لالٽين روشن هيا. ڪڏهن هو مندر جي ڏاڪڻ وٽ سمهي پوندو هيو، ڪڏهن مسجد جي دروزاي وٽ ڪيس ننڊ وٺي ويندي هئي، ورنہ سڄي رات شهر ۾ پيو گهمندو هو اهڙيءَ ريت جهڙي ريت ڪو بيقرار روح، سڪون جي تلاش ۾ سرگردان هجي. شهر جا رولو ڪتا هن کي ڏسي ڀونڪڻ لڳندا هيا. مگر هن کي سڃاڻي وري پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪري، چپ ٿي ويندا هيا، ڄڻ ڪين ازلي ننڊ وٺي ويئي هجي. چوڪيدار "ڪير ڪير" جي رڙ ڪندا هن جي ويجهو ايندا هيا. مگر هن کي ڏسي چوندا هيا "فقير

بابا، هينئر رات گذرڻ واري آهي وڃي آرام ڪريو.“ هو مشڪي اڳتي هليو ويندو هو ۽ سپاهي هن کي تڪيندا رهجي ويندا هيا.

سندس وار سنياسين وانگر گهاٽا ۽ ڏگها هوندا هيا. جن جون چڳون مٿي پوڙ سبب ڄمي ويون هيون. سندس ڏگهي ڏاڙهيءَ، سندس وارن وانگر هميشه دز ۽ مٽيءَ ۾ ميري رهندي هئي. جسم تي گيڙوءَ رتي الفي ۽ ڪلهي تي هڪ رلي، اها هئي سندس ملڪيت ۽ هوءَ انهي ملڪيت جو مالڪ هو نه ڪنهن کان گهرندو هو. ڪڏهن ڪو ديوان هندو هن کي پوڄن ڪرائيندو هو ڪڏهن ڪو رحمدل مسلمان ڪيس ماني کارائيندو هو ورنه هو پنهنجو وقت بک ۾ ئي گذاري ڇڏيندو هو. هوءَ ماني لاءِ ڪڏهن به انڪار نه ڪندو هو پر جي ڪيس ڪو پئسا ڏيندو هو ته اهي ڦٽي ڪري خار وچان پئسن ۽ پئسن ڏيندڙ ڏانهن اهڙي ريت نهاريندو هو ڄڻڪ ڇٽي رهيو هجي، ”هي دنيا ئي ته آهي جنهن جي موهه ۾ انسان انسان ئي نه رهيو آهي. انسان ڏٺي جو پوڄاري نه پر دنيا جو پوڄاري ٿي ويو آهي.“ جڏهن سندس الفي ليڙون ليڙون ٿي ويندي هئي، تڏهن ڪو سخي دل هندو يا مسلمان هن کي نئين الفي پارائي ڇڏيندو هو. ان ويل هو انهن ڏانهن ٿورائتين نگاهن سان نهاريندو هو. جي ڪنهن کي مٿس ڪهل اچي ويئي ته هن جي سيرب ٿهرائي ڇڏيندو هيو يا غسل ڪرائي ڇڏيندو هيو. نه ته هنکي ڪڏهن به پنهنجي سنائيءَ صفائيءَ جو خيال نه ايندو هو. هو اڪثر خاموش رهندو هو ڄڻ سندس زبان کي تالو لڳل هجي. ڪڏهن ڪڏهن موج ۾ اچي جي ٻه چار لفظ ڳالهايائين ته وڏي ڳالهه هئي.

اوچتو ئي اوچتو چوطرف ڪهرام مچي ويو. آباد شهر اجڙ ٿي ويا. چوڌاري باهه جا آلا ئي آلا نظر ٿي آيا. هندو هڪ طرف جمع ٿيڻ لڳا، مسلمان ٻي طرف جمع ٿيڻ لڳا. هندو مسلمانن جي پاڙن مان نڪرڻ ۽ مسلمان هندن جي پاڙن مان نڪرڻ لاءِ لڏپلاڻ ۾ لڳي ويا ڇاڪاڻ ته پنهنجي جان مال جي سلامتيءَ انهي ۾ ئي سمجهيائون ته پنهنجي دين وارن سان گڏ هجن. ٻنهي پاسي، هڪ ٻئي کي لٽڻ مارڻ جو گرما گرم تياريون ٿي رهيون هيون. هر گهڙي حملي ٿيڻ جو امڪان ۽ جان جو خطرو هيو. ڪنهن کي به اهو پتو نه ٿي پيو ته ڪڏهن حملو ٿيندو؟ ڪڏهن مال لٽبو؟ ڪڏهن جان ويندي؟ شهر چؤطرف سنسان ٿي ويو- ڄڻ ڪو راڪاس آيو هجي، ۽ شهر جي ماڻهن کي کائي ڇڏيو هجائين.

چوڌريءَ جي محلي ۾ آس پاس جا پهلوان اچي ڪٺا ٿيا هيا، ”اڄ رات“ چوڌريءَ حقي جو ڪش لڳائيندي چيو ”هنن دين جي دشمن کي سبق سيکارڻو آهي جن سڄي عمر پئي اسان کي لٽيو آهي. هيءَ اسانجي حق جي لڙائي آهي اسان جي پاڪستان جي جنگ آهي . اسانجي اسلام جو جهاد آهي. اڄ انهن ڪافرن کي ڏيکارڻو آهي ته مسلمان شير ٿيندا آهن، پل هن ڌوتي پوشن کي ڀڳوان ياد اچي

وجي.” فيصلو ٿيو تہ رات جو ويھہ جوان جن ۾ گھڻا ٻاھران آيل مضبوط ۽ بھادر منتخب ڪيا وڃن، جي جھاد لاءِ تيار رھن ۽ سيٺ دمڙي مل جي ڪوٺيءَ تي حملو ڪن.

“ديش مترر ڇا اوھانکي ملڪ جو ورھاڱو قبول آھي؟” سيٺ ڏرمداس نوجوان ھندن کي جي مختلف ھنڌان اچي ڪٺا ٿيا ھيا، مخاطب ٿيندي چيو. “ڇا اوھان ڀارت ماتا جي سرير کي ٽڪر ٽڪر ٿيڻ ڏيندا؟” اڄ رات ھنن نيچ مسلمانن کي جن ھميشہ اسانکي پئي تنگ ڪيو آھي جن جي ڦرين لٽن چورين ۽ ڌاڙن کان اسان ڪڏھن بہ شانتي ۾ نہ رھيا آھيون، ضرور مزو چکائڻ گھرجي. منھن جا مترو اڄوڪي رات جي يڌ اوھان جي ڌرم جي يڌ آھي. ڀارت ماتا جي مان جي يڌ آھي. اڄو تہ ھنن نيچ مسلمانن کي اھڙو تہ سبق سيکاريون جو ڪين ڇنيءَ جو ڪير ياد اچي وڃي ۽ ھميشہ ڏٽيءَ کي ياد ڪندا وتن.” آخر فيصلو ٿيو تہ ڪجھہ نوجوان منتخب ڪيا وڃن جي رات جو چوڌري دين محمد جي گدام تي حملو ڪن.”

سورج غائب ٿي ويو. چوڌطرف سانت ٿي ويئي. ورلي ڪو ماڻھو گلين ۾ نظر ٿي آيو. ھر ڪو پنھنجي گھر کي اندران مضبوطيءَ سان ڪڙو ڏئي وڃي وينو. آھستي آھستي رات جي اونداھي وڌندي ويئي. گھڙيال رات جا ٻارنھن لڳايا. رستي تي ڪنھن جي پيرن جو آھٽ ٻڌڻ ۾ آيو. ڪتي جي ڀونڪ ٿي. فقير بابا کي ڪتي ڏنو ۽ سانت ٿي ويو. سنسان رستن تي اھڙي وقت، ھو پنھنجي خيالن ۾ غرق اونداھيءَ ۾ ھيڏانھن ھوڏانھن اھڙي ريت ڦري رھيو ھو. جڻ ڪو خاموش تاريڪ پاڇو ھجي. وڻن جي پنيان سرڪو ٿيو. “خاموش ڪوئي ھيڏي اچي رھيو آھي.” وري سانت ٿي ويئي. “ھڪڙو ڇڙو آھي.” بہ ٽي نوجوان وڻن کان ٻاھر نڪتا. “تون ڪير آھين؟” “تنھنجو نالو ڇا آھي؟” مگر ھنن کي ڪوبہ جواب نہ مليو. “تنھنجو مذھب ڪھڙو آھي؟” “سالو ڪافر آھي” - ائين ھڪڙو ڇڙو نڪتو جو اونداھيءَ ۾ وڄ وانگر چمڪيو ۽ سندس ڇاتيءَ ۾ گھڙي ويو. ٻيا رھيل ھمراھ بہ وڻن مان نڪري آيا. انھن مان ڪنھن رڙ ڪئي، “او فقير بابا” انھن جي سردار غصي مان چيو. “ھلو ھلو. دير ٿي رھي آھي جيڪڏھن ٿوري دير ٿي تہ موقعو ھٿان ھليو ويندو.” سڀ چپ چاپ پنھنجي سردار جي پويان ھليا ويا.

فقير بابا ھوريان ھوريان زمين تان ڪنڌ مٿي ڪيو سندس لبن تي اھائي مشڪ ھئي. ھڪڙي نظر مٿي ڪٽي ڏنائين ۽ وري پنھنجو ڪنڌ مسجد ڏانھن ڪٽي ڪيائين. جڻ وضو ڪندڙن، قرات مان سورتون پڙھندڙ پيش امام ۽ سجدي ۾ جھڪيل نمازين ڏانھن نھاريندو ھجي. ھو آھستي آھستي اٿيو ويران ۽ تاريڪ ڳلين ۾ وڌڻ لڳو.

“تون ڪير آهين؟” “تنهن جو نالو ڇا آهي؟” ڀتين جي پاڇي ۾ بيٺل ٽن نوجوانن هن کان پڇيو مگر ڪنهن کي به ڪو جواب نه مليو. “تنهنجو ڌرم ڪهڙو آهي؟” “مسلم آهي” – هڪ آواز آيو – “ماريو نيچ کي.” هڪ ڪرپان هوا ۾ ڦريو ۽ سندس پيٽ ۾ چڀي ويو. “آه” جو آواز ٿيو. ٻيا پنتي رهيل به ساٿي اچي هنن سان مليا. “فقير بابا!” - هڪ جوان حيرت مان چيو. “اوير نه ڪيو باقي ٿوريون گهڙيون بچيون آهن. جي هي محل هٿان نڪري ويئي ته پوءِ افسوس جون تريون مهٽيون پونديون.” سيئي پنهنجي اڳواڻ جي پٺيان هليا ويا. فقير بابا گهٽي دير کان پوءِ سامت ۾ آيو. آسمان ڏانهن نهاريائين – وري سندس اکيون مندر ڏانهن کڄي ويون. جنهن ۾ چڻ ڪيس ناقوس جي صدا – پوڄاري جا ڀڄن – گهنٽين جو آواز- پوڄارين جون ڀڳوان اڳيان سر نوائڻ ڏسڻ ۾ ٿي آيا. هن آهستي اٿڻ جي ڪوشش ڪئي – ٿورو اڳتي هليو ۽ وري ڪري پيو.

شهر ۾ وٺ وٺان ٿي ويئي. عورتن جو رڙيون، ٻارڙن جو روئڻ، “بچايو بچايو” جا آواز بندوقن جا ٺڪاءَ، گولين جا زوڪاٽ، لٺين جو ٺهڪو، ڇرن ۽ خنجرن جا چمڪاٽ، لٽيو ماريو جي خوفناڪ شور کان زمين آسمان هڪ ٿي ويو. شهر ۾ باهه لڳل گهرن جي ڄڀي آسمان سان ٿي لڳي. “ماريو ڪافر آهي.” “ماريو مسلم آهي.” “وٺو وٺو نه ڇڏيو.” اوڇتو اوڇتو سيٽيون وڳيون – ملٽري پوليس جي مشن گنن جا آواز ڦهلجي ويا. چؤطرف ملٽري پهرو ويهجي ويو. ريڊڪراس جي لارين ۾ مئلن ۽ زخمين کي اسپتال نيو ويو.

“تون ڪير آهين؟” “تنهنجو نالو ڇا آهي؟” ڊاڪٽر جي جواب ۾ صرف زخميءَ مشڪي ڏنو. “تنهنجو مذهب ڪهڙو آهي؟” زخميل وڏو ٽهڪ ڏنو. بيٺل ڊاڪٽر ۽ نرس ٻئي ڏڪي ويا. “شايد ديوانو آهي.” نرس چيو. “ڊاڪٽر صاحب مان هندو. . . . . نه نه. . . . . مسلم. . . . . نه نه . . . . . ڊاڪٽر صاحب، مان انسان آهيان. ڊاڪٽر صاحب، مونکي زخم ٻنهي هندو. . . . ۽ مسلمان کان رسيا آهن. . . منهنجا زخم انسانيت جا زخم آهن. ڊاڪٽر صاحب، منهنجو موت انسانيت جو موت آهي. ڊاڪٽر صاحب، منهنجو لاش هندو مسلم ٻنهي جي حوالي ڪجو جنهن ۾ هو پنهنجي شڪل ڏسي سگهن، جن ۾ ڪين ڀڳوان اڳيان سر نوائڻ، الله اڳيان سجدا ڪرڻ ٻئي ڇتيءَ طرح ڏسڻ ۾ اچڻ.” زخمي چپ ٿي ويو. سندس لبن تي ابدي مشڪ ڦهلجي ويئي. جا ڇئي رهي هئي “مان انسان آهيان”. پري کان ناقوس جي صدا آئي، اذان جو آواز آيو پوڄارين ڀڄن ڳايا. نمازين الله اڪبر پڪاريو. هندن ڀڳوان اڳيان سر نوايو. مسلمان سجدي ۾ جهڪي پيا.

هي ليڊر

هن جي تقرير، تاڙين ۽ نعرن جي شور ۾ ختم ٿي. هن کي هار وڌا ويا، ايتري قدر جو سندس منهن به گلن جي وچ ۾ نظر نٿي آيو. اڄ هر ڪنهن جي وات ۾ هن جي واکاڻ هئي. هو قوم جو صحيح ترجمان هو. اهو ئي سبب هو جو ماڻهن جي دلين ۾ هن جي لاءِ بيحد عزت هئي، پيار هو. اڄ به سندس تقرير ٻڌڻ لاءِ هزارين ماڻهو اچي جمع ٿيا هئا. هڪ ٻئي مٿان ڳاهٽ پئي ٿيا. ميدان ۾ پير پائڻ جي جاءِ نه هئي، پبلڪ پارڪ سڄو ماڻهن سان سٿيو پيو هو. اونهاري جي سخت گرميءَ ۾ ماڻهن جو دم پئي گهٽيو. ماڻهو پگهر ۾ شل ٿي، مگر جيئن پوءِ تيئن پيڙ وڌي ٿي وڌندي. سندس تقرير شروع ٿيڻ کان اڳ ٻن چئن هنڌن ڏکا مڪي به ٿي مگر وري سانت ٿي ويئي.

اڄ هن ڳالهايو. دل کولي ڳالهايو – سماج جي ان بدنام داغ لاءِ جنهن کي عصمت فروش کوٺين ٿا، جا چند سکن تي پنهنجو جسم ٻين جي حوالي ٿي ڪري! هن چيو ته پاڪ آستان ۾ اهڙي پليديءَ جا اڏا بند ڪيا وڃن، جنهن مان گناهه جي باهه پڙڪي ٿي اٿي جن جي آلن ۾ هزارين گهر سڙي خاڪ ٿي ويا آهن.

هن جي تقرير ختم ٿيڻ تي ماڻهن جوش مان نعرا بلند ڪيا. هنجي ”زنده باد“ جا نعرا – ”خرابيءَ جا اڏا مرده باد“ جا نعرا. هن جي زبان جادوءَ جو اثر ٿي رکيو – ان کان سواءِ هن عوام جي ترجماني ٿي ڪئي – پليديءَ جا اڏا، جنهن مان ڪو به سلامت نه وريو. هڪ نهراءُ پاس ڪري سرڪار کان گهر ڪئي ويئي ته ”يڪدم اهي بند ڪيا وڃن، جي اهي بند نه ڪيا ويا ته ان خرابيءَ جو سيلاب اڃان به زياده راڱا ڪندو.“

هو خوش هو – ڏاڍو خوش هو – پنهنجي تقرير کان، ماڻهن جي جوش کان، سندن تاڙين کان، انهن جي نعرن کان، سندس ”زنده باد“ جي نعرن کان، ”پليديءَ جا اڏا مرده باد“ جي نعرن کان. هن جي ڪنن ۾ اڃان به تاڙين جي ڦهڪن ۽ نعرن جو شور ٻڌڻ ۾ ٿي آيو. هو ڪپڙن ۾ نٿي ماپيو. هن کي بيحد هار وڌا ويا، ايتري قدر جو سندس دم گهٽجي رهيو هو. ماڻهن کي سندس نيڪ جذبي ۽ تحرڪ تي مبارڪون ٿي ڏنيون. آخر هو ملڪ جو وڏو ليڊر ۽ سياستدان هو.

هو جڏهن گهر موٽيو ۽ ٻيا به دوست ڪيس ”خدا حافظ“ چئي پنهنجي پنهنجي گهر روانا ٿي ويا، تڏهن هو وري اڄوڪي جلسي جي خيالن ۾ گم ٿي ويو. اڄوڪي جلسي ۾ ماڻهن جو هجوم ۽ سندن

جوش، پنهنجي جادو بيان تقرير ۽ ان جي طلمسي اثر، پنهنجي وڏندڙ شهرت ۽ اقتدار جا خيال ڪيس وسڪي جي بوتل جهڙو سرور ڏئي رهيا هئا ۽ هوريان هوريان هو انهيءَ نشي ۾ گم ٿي ويو. اوچتو چپراسيءَ ڪيس ٻڌايو "هڪ عورت اوهان سان ملڻ ٿي گهري." هن جي خيالن جي ڪڙي ٽٽي پئي ۽ هن جي خيالن ۾ رخنو پئجي ويو. هن خيال ڪيو ته ڪهڙي عورت ٿي سگهي ٿي؟ شايد سندس تقرير کان متاثر ٿي ڪا عورت کيس مبارڪ ڏيڻ آئي هجي. چپراسيءَ کي ڪيس اندر موڪلڻ لاءِ چيائين ۽ پاڻ وري خيالن – شهرت جي خيالن، ليڊري جي خيالن، سياست جي خيالن ۾ گم ٿي ويو. اوچتو "چم چم" جي آواز سندس خيالن کي ٽوڙي ڇڏيو. هن ڪنڌ ورائي ڏٺو ته هڪ جوانيءَ جون منزلون طئي ڪيل عورت هار کنيو بيٺي آهي. هن جي دماغ تي ڪنهن هٿوڙو وهائي ڪڍيو. هو سوچڻ لڳو هن جي ذهن تي جهونو نقش جنهن تي وقت گرد وغبار چاڙهي ڇڏيو هو تازو ٿيڻ لڳو. گذري ويل زمانو – رنگين زمانو. مستيءَ ڀريو زمانو، جنهن ۾ ڪيف ۽ سرور هو. سڀ جوان هيا – امنگ جذبا – هوءَ ۽ هو! عورت اڳتي وڌي، آهستي آهستي چيو، "آءٌ انهي هنڌان آئي آهيان، جنهن کي پليديءَ جا اڏا ڪوٺيو ٿو وڃي. آءٌ اوهان کي مبارڪ ڏيڻ آئي آهيان. مون سان گڏ منهنجي ڌيءُ به آئي آهيان." نوجوان ڇوڪري اڳتي وڌي. ماڻس هن ڏانهن مشڪي نهاريو. سندس انهيءَ مشڪڻ ۾ هزارين زخم پنهان هيان. "امڙ، هي اسان جي قوم جو ليڊر آهي! هن جا سڄي قوم تي ٿورا آهن! خاص طرح اسان تي هن جون وڏيون مهربانيون آهن!." اهو زهر جو ڍڪ جو سندس لبن تي پهچي ويو هو هوءَ پي وئي ۽ سانت ٿي وئي. ڇوڪريءَ هن کي هار وڌو. ماءُ ۽ ڌيءُ ٻاهر هليون ويون. "اسان تي هن جون وڏيون مهربانيون آهن!" جا اکر سندس سيني ۾ چڀي ويا انهيءَ ڪنڊيءَ وانگر جو لڳڻ کان پوءِ ڀڄي پئي ۽ سندس ڪجهه حصو اندر ئي رهجي وڃي. هن جي اڳيان ماضيءَ جو قتل نقش آهستي آهستي چٽي طرح ابرڻ لڳو. اهو ڏينهن جنهن ڏينهن کان هوءَ ترقي جي راهه تي گامزن ٿيو، اهو ڏينهن جنهن ڏينهن هن ڪنهن جي اميدن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو. هن کي اها رات جا سندس گناهن وانگر ڪاري هئي. ياد اچڻ لڳي – جنهن رات هوءَ پنهنجي مائٽن کي خيرباد چئي، هن سان وڃڻ لاءِ نڪري آئي هئي – جنهن رات هن دنيا کي ڇڏيو مگر هو پاڻ دنيا کي ڇهتي پيو – جنهن رات هن سماج جي ڪا به پرواهه نه ڪئي، مگر هو سماج کان ڊڄي ويو. جنهن رات هن عزت کي محبت مٿان قربان ڪيو. مگر هن عزت خاطر محبت ڇڏي ڏني – ڇو؟ چاڪاڻ ته هن دنيا ۾ ڪجهه ٿيڻ ٿي گهريو. هن جون آهون ۽ دانهون ته سندس پٿر جهڙي دل کي نرم نه ڪري سگهيون. سندس محبت واسطن به سندس دل تي اثر نه ڪيو. جڏهن هن کي هر هر گهر واپس وڃڻ لاءِ ٿي چيو، مگر هو تڏهين گهر ڪيئن ٿي واپس وڃي سگهي! هو مائٽن کي

ڇڏي آئي هئي. ان کان سواءِ هو ماءُ ٽيڻ واري هئي. اهڙي حالت ۾ ڪمڙي ڇوڪري مائٽن لاءِ ڪارنهن جو ٽڪو بڻجي، زندگي تائين طعنا ۽ تنڪا سهندي رهي! هو سوچي رهيو هو- انهن ڏينهن ۾ هن جي ستاري چمڪڻ شروع ڪيو هو. هن ان کي اونداهيءَ جي ڪکرن هيٺ آٽڻ نہ ٿي گهريو. هن جي عوام ۾ عزت وڌندي ٿي ويئي، ۽ هن کي پنهنجي آئيندي جو خيال هو. هن کي رئندو ڇڏي هليو ويو هو- ”تون گهر وڃ. آءُ توسان شادي نٿو ڪري سگهان. منهنجي عزت کي ڌڪ لڳندو. آءُ زندگي ۾ ڪٿان جو ڪين رهندس ۽ منهنجي وڌندر شهرت. . . . .“

اڄ وري گهٽيءَ مدت کان پوءِ اٽڪل پندرنهن ويهن ورهين کان پوءِ جڏهين سندس شهرت جو ستارو اوڄ تي هو جڏهين سندس نالو هر ڪنهن جي وات ۾ هو، جڏهين هو ملڪ جو مشهور سياستدان ۽ قوم جو ليڊر هو تڏهين هوءَ هن جي اڳيان آئي — محبت جو اهو گل جنهن کي واس وٺڻ کان پوءِ پيرن هيٺ چيپاٽي ڇڏيو هئائين — شراب جي اها بوتل جنهن جي ورتائڻ کان پوءِ زمين سان ٽڪرائي پاش پاش ڪري ڇڏيو هئائين! مگر هوءَ اڄ نئين رنگ ۾ هئي — سماج جو هڪ بدنام داغ هئي! ۽ هن سان هن جي ڏيءُ بہ هئي! هو سوچيندو رهيو — هي دنيا ۽ سماج جا بدنام داغ. ڪارنهن جا ٽڪا- مگر . . . . سندس دل ٻيهجي وئي.

ٻي ڏينهن دنيا جي اخبارن ۾ وڏين وڏين سرخين سان سندس موت جي خبر شايع ٿيل هئي. سندس واڪاڻ ۽ تعريف ۾ خاص نمبر ڪڍيا ويا. هن جي زندگيءَ جي هر پهلو تي روشني وڌي ويئي. هو قوم جو ليڊر هو. ملڪ جو وڏو سياستدان هو. هن خرابي جي اڏن برخلاف هلچل هلائي، پاڻ کي ماڻهن ۾ مقبول بنايو هو. ملڪ ۾ ماتم جي لهر ڇانيل هئي. هن جي لاش سان هزارين ماڻهو هيا. پير پائڻ جي جاءِ بہ نہ هئي. پيڙ جيئن پوءِ تيئن وڌندي ٿي وئي. هن جي لاش مٿان بيحد گل وڌا ويا. هو گلن ۾ پورجي ويو. هو عوام جو ليڊر هو. جنهن عصمت فروشيءَ جي اڏن خلاف برخلاف هلچل هلائي هئي.

قانون

”هم کيون نہ کرين پيار کس کا ڊر تو نهين هي.“ جو آواز هلڪي سيٽيءَ ۾ غفور جي واتان نڪتو ۽ فضا ۾ پکڙجي ويو. غفور سائيڪل جي پيڊل کي زور سان هلايو ۽ سائيڪل ڪلفٽن جي رستي تي تيز تيز ڊوڙڻ لڳي. غفور اهڙو تہ موج ۾ اچي ويو جو اڳيان ويٺل خورشيد جو بار بہ ڪيس محسوس نہ ٿي رهيو هو.

ڪلفٽن جي رستي تي بيٺل دراز اليڪٽرڪ جي ٿنڀن ۾ ٻرندڙ بتيءَ جي بلب، سياهي کي شڪست ڏئي رهيا هئا. بتين جي روشنيءَ ۾ رستو ڪاري مخمل جيان چمڪي رهيو هو. ڪلفٽن کان ايندڙ هوا جا تيز جهوتا خورشيد جي خوشبودار زلفن سان راند ڪندا اڳتي وڌي ٿي ويا. خورشيد جا ڪارا ڪارا لنبا زلف ڪڏهن سندس ڳلن تي جهومي رهيا هئا ۽ ڪڏهن غفور جي ڇهري تي پکڙجي ٿي ويا. انهن مان ايندڙ هلڪي هلڪي سرهاڻ ۾ غفور ايتري قدر گم ٿي ويو جو کيس ڪلفٽن کان ايندڙ ۽ ويندڙ تيز رفتار ڪارين، مست رفتار گهوڙي گاڏين ۽ پنڌ ويندڙن واٽهڙن جو نہ پتو نہ ٿي پيو. هن کي اهو پتو نہ ٿي پيو تہ هو ڪاڏي وڃي رهيو آهي، مگر هو وڃي رهيو هو پنهنجي خورشيد سان اهڙي طرف جتي ”تون هجين ۽ مان هجان.“

غفور پنهنجي ئي موج دنيا کان بي خبر وڃي رهيو هو. اوچتو خورشيد ”بريڪ“ ”بريڪ“ جون رڙيون ڪيون مگر غفور جي بريڪ لڳائڻ کان اڳ سائيڪل چوسول تي بيٺل سپاهي سان اچي ٽڪري. پوليس واري مٿان خورشيد، خورشيد مٿان سائيڪل ۽ سائيڪل جي پاسي ۾ اچي غفور ڪريو. پوليس واري کي جڏهن خورشيد جو نرم جسم محسوس ٿيو تڏهن اٿڻ بجاءِ اتي ئي ليٽو رهيو. خورشيد اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر سائيڪل جي وچڙڻ سبب وري پوليس مٿان اچي ڪري. پوليس وارو ”آ“ ڪري پئجي رهيو. غفور ڏڪ ڪائي اٿيو سائيڪل ڪنيائين خورشيد کي هٿ ڏنائين. خورشيد پوليس واري جي پهلو مان اٿين اٿي، جٺن ڪاري ديو جي پهلو مان سبز پري. پوليس وارو چنگهندو اٿيو. پري بيٺل ٽوپي ڪٽي چنڊيائين مڇ کي وڪڙ ڏئي اڳتي وڌيو.

”جناب! ڇا اوهان کي ڪجهہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي؟ شايد اوهان ڪجهہ پيتل . . . . ؟ مگر اوهان کي ڪجهہ ڏسڻ ۾ ڪيئن ايندو اوهان سان گڏ جو ميم صاحبہ آهي.“

جمعدار صاحب، معاف ڪندا. مون گهڻي بريڪ هنئي مگر سائيڪل. . . ”

“جناب، آئون سائيڪل ۽ سائيڪل ڪجهہ نہ ٿو ڄاڻان اوهان کي پوليس چونڪي هلڻو پوندو.”

“جمعدار صاحب آئنده ايئن نہ ٿيندو.”

“پوءِ آئنده اوهان کي پوليس چونڪي تي بہ هلڻو نہ پوندو.” “مگر جمعدار صاحب. . . .”

“مگر . . .. مگر. . . اوهان قانون کي ڇا سمجهيو آهي. اوهان قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. اوهان غير عورت کي وندر لاءِ ڪلفٽن وٺي آيا آهيو. اوهان کي خبر ناهي تہ شهر سان گونڊا ائڪٽ لڳل آهي ـــ”

“مگر هي تہ منهنجي مڱيندي آهي.”

جمعدار خورشيد کي پيرن کان وٺي چوٽيءَ تائين ڏٺو ۽ مڇ تي هٿ رکندي چيو. آءُ اوهان جهڙن نوجوانن کي خوب ڄاڻان ٿو جنکي هر روز نئين مڱيندي هوندي آهي. ۽ جناب اوهان سائيڪل تي بہ ڇڙا سوار ٿيا آهيو ۽ ٻن ڄڻن جي سواري قانون هيٺ ڏوهہ آهي.”

“جمعدار صاحب آئنده ايئن بہ نہ ٿيندو.”

“قانون قانون آهي! اوهان کي پوليس چونڪي هلڻو ئي پوندو. انهيءَ کان سواءِ اوهان هڪ پوليس آفيسر جي مٿان سائيڪل چاڙهي قانون جي بي عزتي ڪئي آهي.”

“جمعدار صاحب انهي لاءِ معافي طلب آهيون.”

“جناب قانون قانون آهي! سرڪار اسان کي مفت جون پگهارون نٿي ڏئي. اسان کي قانون سنڀالڻو آهي ۽ اوهان جهڙن نوجوانن کي نڪاٽي لڳائڻو آهي. اوهان تي ڏوهہ ڪيا آهن. غير عورت سان سير و تفريح، ٻن ڄڻن جي سائيڪل سواري، ۽ پوليس آفيسر مٿان سائيڪل چاڙهڻ.”

“جمعدار صاحب آئنده ڪڏهن، ڪڏهن بہ اهڙي غلطي نہ ٿيندي.”

“جناب آءُ بہ اوهان کي ڪڏهن، ڪڏهن ڌاڙي نہ وٺي هلندس.”

“جمعدار صاحب” خورشيد پوليس واري سان اکيون ملائيندي چيو. اميد تہ آئنده اهڙي غلطي نہ ٿيندي. جمعدار خورشيد ڏانهن نهاريو ۽ ٿورو نرم ٿي چيو “مگر صاحب قانون قانون آهي.”

“جمعدار صاحب قانون سچ پچ قانون آهي مگر اهڙيون غلطيون انسانن کان ٿيون وڃن. زرا هيڏانهن اچجو.”

جمعدار اڳتي وڌي خورشيد ڏانهن وڌيو. خورشيد بہ چار قدم اڳتي هلي. پرس کلڻ جو آواز ٿيو. خورشيد جو نرم ۽ نازڪ هٿ جمعدار جي هٿ سان مليو. جمعدار جي جسم ۾ ڄڻ بجليءَ ڊوڙي وئي.

جمعدار پنهنجي هٿ ۾ ڪاغذ جهڙي ڪا چيز محسوس ڪئي , آهستي آهستي جمعدار جي چهري تي مرڪ ڦهلجي وئي.

“اميد ته آئنده اهڙي غلطي نه ٿيندي.” خورشيد جمعدار جي هٿ مان هٿ کسڪائيندي چيو.

“مگر قانون.... قانون” باقي اکر جمعدار جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا.

خورشيد سائيڪل تي اڳيان ٿي ويٺي. غفور پئڊل تي زور سان پير هنيو. فضا ۾ سيٽي جو هلڪو آواز ڦهلجي ويو.

“سرڪاري سڙڪ هي يه تيرا گهر تو نهين هي.”

فرشتو

جڏهن هو گهر موٽي رهيو هو، تڏهن رات ڪافي اونداهي ٿي چڪي هئي. آسمان ۾ بادل شيطاني روحن جيان هيڏي هوڏي ڊڪي رهيا هئا. گهٽيءَ ۾ ڏينهن جو برسات پوڻ ڪري چڪڻ لڳي پئي هئي. ڪڏهن ڪوبا پاڻيءَ سان ڀرجي ويا هئا. گند جي ڍيرن مان، جي گهٽيءَ ۾ هر طرف پکڙيل هيا گندي بانس پکڙجي ٿي وئي. ميونسپل طرفان لڳايل فانوس ٽم ٽم ڪري رهيو هو- هوا جي جهوٽي تي سندس لاٽ جهيڻي ٿي ٿي ويئي، وري ڀڙڪو ڪائي ٿي اڀري – گهٽيءَ ۾ هر طرف سانت ئي سانت هئي. ڄڻ موت جو فرشتو پنهنجا پير گهمائي ويو هجي. رکي رکي، ڪنهن گهر مان ٻار جي رڙڻ يا ڪتي جي ڀونڪڻ جو آواز ٿي آيو ۽ وري خاموشي ڦهلجي ٿي وئي. هن پنهنجي جسم ڏانهن نهاريو جو لاڳيتن بيمارين سبب هيٺو ٿي ويو هو، جنهن ۾ نہ سگهہ هئي نہ قوت – هڪ هڏائون پڃرو، جيڪو ڊاڪٽرن وٽ ڏيکاءَ لاءِ پيو هوندو آهي. هن پنهنجي ڪيسي ڏانهن نهاريو جنهن ۾ بہ آنا کڙڪي رهيا هئا. هن جي چپن تي مرڪ ڦهلجي وئي – اهڙي مرڪ جنهن ۾ هزارين گهاءُ چيپيل هجن، جنهن ۾ هزارين سور لڪيل هجن. "سڄي ڏينهن جي ڪمائي صرف چار آنا!" هو نفرت وچان ڀٽڪيو ۽ ماٺ ٿي ويو. "اهي بہ ڄڻ خيرات طور مليل!"

هن کي ڪارخاني مان ڪڍيو ويو هو. انهيءَ ڪارخاني مان جتي هن جي ڏاڏاي ڪم ڪندي زندگي ختم ڪئي هئي، جتي هن جو پيءُ ڪم ڪندي پٽي هيٺ اچي شهيد ٿي ويو هو جتي هن ننڍپڻ کان وٺي ڪم شروع ڪيو هو. ڇاڪاڻ تہ هو بيمار هو ۽ هاڻي هن جي ڪارخاني ۾ ڪا بہ ضرورت نہ هئي. ڪنهن وقت هو پنهنجي ٽوليءَ جو موچارو مزور ليکيو ويندو هو. هن جي ڪم سان ٻيا مزور ريس ڪندا هيا. سيٺ خوش ٿي کيس شاباش چوندو هو. صبح کان شام تائين ڪم ڪرڻ سان بہ چار روپيا ڪٽي وٺندو هو. مگر هينئر هو زنده لاش هو جيڪو قبر چيري هن دنيا ۾ آيو هجي، جنهن کي ماڻهو ڏسي گهٻرائجي وڃن. "نہ بابا! نہ توکان مزوري نہ ٿيندي!" "نہ سائين! نہ، تون نوڪري ڪٽي نہ سگهندين!" "نہ مسٽر! نہ اهڙو وزن کڻڻ تنهنجو ڪم نہ آهي!" آخر هو ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو؟

اهڙو ڪو بہ انسان نہ هو جو مٽس کهل آڻي، کيس چوي تہ "اچ، بابا! هي بار کڻ."

صبح کان شام تائين بازارين ۽ مارڪيٽن جا ڦيرا پائيندي، ڪجهہ بہ پلئہ نہ پيس – صرف چار آنا، جنهن مان هڪ ڊبل روٽي وٺي پاڻ کاڌي هئائين ۽ باقي بہ آنا انهيءَ خيال کان بچائي رکيا هئائين تہ

متان سياڻي مزوري نہ لڳي ۽ پيٽ کي پٽڙ ٻڌڻو پوي ڪڏهن اهڙا ڏينهن بہ ايندا هيا جو هن کي ۽ هن جي ماءُ کي ويلن جا ويلا صرف پاڻيءَ نصيب ٿيندو هو. هو تپي ۾ پئجي ويو هو. اهو سڀ ڪجهہ بہ تہ پنهنجي ماءُ لاءِ، جا هن جي سموري ڪائنات هئي، ڪري رهيو هو، ورنہ هو دنيا کان منهن موڙي اهڙي ريت مڙي سان چادر پائي سمهي رهي ها، جو ڪيس قيامت جي ڏينهن بہ بيدار نہ ڪري سگهن ها — انهيءَ ماءُ لاءِ جنهن راتين جا اوجاڳا ڪيا، هن جي خدمت ڪئي هئي؛ انهيءَ ماءُ لاءِ جنهن صبح کان وٺي شام تائين جنڊ ڪاهي هن جي پورت ڪئي هئي ؛ انهيءَ ماءُ لاءِ جيڪا گرمي توڙي سرديءَ ۾ هن جي آرام خاطر ڪڏهن بہ سک تي نہ ستي! نيٺ سندس چاڪري ڪندي هوءَ بيمار ٿي پئي حڪيم ۽ ويج آيا، ڪجهہ نہ ٿيو. ڊاڪٽرن فيون ورتيون، ڪجهہ نہ ٿيو. سرڪاري اسپتالن مان ڪيس لاعلاج ڪري تڙيو ويو. سندن گهر ۾ جا ميڙي چونڊي هئي سا ختم ٿي ويئي، سندن گهر جو سمورو سامان وڪامي ويو. سالن پنيان سال گذري ويا مگر هن جي ماءُ تندرست نہ ٿي، رهندو هو پاڻ بہ بيمار ٿي پيو. اڳ چار ڏوڪڙ ڪمائي ماءُ لاءِ ڪجهہ ڪاڏو وٺي ايندو هو مگر هينئر ڪيس ڪير مزوري ڏيڻ لاءِ بہ تيار نہ هو، ڪو بہ ڪم ڏيڻ جي آڇ ڪونہ ڪندو هوس. صبح کان شام تائين رلندو شام جو ڍڪر ڪائيندو اچي گهر پيڙو ٿيندو هو.

اُپ ۾ ڪڪر مڙي ويا، ڄڻ آسماني ديوتائون دنيا جي رهاڪن خلاف سازش سٽي رهيا هئا. رکي رکي، بجلي چمڪي ٿي. هلڪي بوند پوڻ لڳي. هن آهستي آهستي قدم جهوپڙيءَ ۾ رکيو. ٽڪر جو ڏيو ٽم ٽم ڪري رهيو هو. هن جي ماءُ ڪنڊ ۾ نيم مرده جي حالت ۾ پئي هئي. پنهنجي پٽ جي پير جي آهٽ ٻڌي، ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪيائين، مگر ڪنگهہ سبب سندس اکر هن جي نڙيءَ ۾ رهجي ويا. ٿوري دير بعد سامت ۾ آئي ۽ آهستي چيائين، "ابا دير لڳائي ڇڏيئہ." پوءِ ٿوري دير لاءِ چپ ٿي وئي. "ابا! منهنجي دوا!" هن جون اکيون هوريان هوريان وڃي پٽ جي چهري تي پيون. "امڙ! . . . ." اکر هن جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا. حڪيم چيو "دوا اڃا تيار نہ آهي — سڀاڻي انشاءالله تيار ٿي ويندي." دوا جو نالو ٻڌندي پوڙهي جي جان ۾ جان آئي. "ابا! هن جيئڻ کان موت ڀلو! جيڪو زهر مليم تہ زندگيءَ جي سورن کان ڇٽي پوان!" هن ڊبل روئي ماءُ جي اکيان وڌائي، جنهن مان هڪ بہ پور وات ۾ نيئي، ليٽي پئي.

هوا تيز ٿيندي وئي. مينهن بہ اوهيرا لائي ڏنا، ڄڻ آسمان کان آبشار ليٽي پيا هيا. هن جي ماءُ سڄي رات رڙندي رئندي، ڇنگهندي ڪٽڪندي ڪنگهندي ۽ سهڪندي گذاري. ڏيو هوا جي جهوٽن تي ڦڙ ڦڙ ڪري رهيو هو. هو مٿي هينان ٻانهون ڏيئي سمهي رهيو هو. هن جون اکيون ڪليل جون ڪليل رهجي

ويون. هو پنهنجي ۽ ماءُ جي زندگيءَ تي سوچي رهيو هو. سمجهي نہ پئي سگهيو تہ جيڪڏهن اها "زندگي" هئي تہ پوءِ "موت" ڇا هو؟ هو ماءُ جي دانهن ۽ ڪوڪن کي ٻڌي رهيو هو. هن دوا لاءِ سوچيو مگر ڪٿان ايندي؟ ايترو عذاب ڪيستائين؟ هن کي ماءُ جا اکر هر گهڙي ڪنن ۾ وڄڻ لڳا! "ابا هن جيئڻ کان موت ڀلو زهر ملي وڃيم تہ هن زندگيءَ جي سورن ڏکن کان ڇٽي پوان." هو پاسا ورائيندو رهيو. ڪر موڙيندو رهيو. ٻاهر جيئن پوءِ تيئن برسات تيز ٿيندي ويئي. ڏيو ٽم ٽم ڪري وسامي ويو. مگر هن جون اکيون اڃان ٽمڪي رهيون هيون. هن کي آخر زندگيءَ جي سمورن ڏکن ۽ سورن جو علاج هٿ آيو. هن جون اکيون يڪدم ماءُ ڏانهن وڌي ويون. جنهن رڙيون پئي ڪيون. "هن سورن واري جيئڻ کان موت ڀلو!" هن جي اکين مان ڳوڙها ٽم ٽم ڪري وهڻ لڳا. ڄڻ چئي رهيا هيا: "امڙ! توکانسواءِ منهنجو هن دنيا ۾ ڪير آهي؟"

صبح ٿيندي ئي شهر کان پري نڪري ويو— جتي ٿوهر جا جهڳٽا هيا، جن جي کير جا پنج اٺ ليپا انساني حياتي وٺڻ لاءِ ڪافي هيا- زهر ڀريل ٿوهر جنهن کي ڏسي جانور بہ ونءُ ويندا آهن. هن پنهنجي کيسي مان شيشي ڪڍي ٿوهر جو کير شيشي کي ائين ڀري رهيو هو جيئن ننڍي لاءِ سندس خالي پيٽ کي ماءُ جي ٿڃ. هن کي ماءُ جو شفقت ڀريو چهرو نظر آيو جو مسڪرائي ڏانهنس نهاري رهيو هو. هن کان ڇرڪ نڪري ويو ۽ شيشي پٽ تي ڪري پيئي. هو ڇرڪ ڀري ٿو. "هان- مان ڇا ڪري رهيو آهيان!" ماءُ جو ڪنجهندڙ غم ڀريل چهرو هن جي اکين اڳيان ڦرڻ لڳو— "ابا هن جيئڻ کان موت ڀلو. زهر ملي وڃيم تہ زندگيءَ جي سورن کان ڇٽي پوان." هن جي ڪنن ۾ ڊاڪٽرن جا اکر وڄڻ لڳا، "هن مرضيءَ جو ڪو علاج ڪونهي." پوءِ هن کي ماءُ جون عذاب ڀريون راتيون اکين اڳيان ترڻ لڳيون. هن جي اکين جي اڳيان ماءُ جا ڏک ڀريل ڏينهن ڦرڻ لڳا ۽ هو ماٺ ٿي ويو. هن وري ڏڪندڙ هٿن سان شيشي کڻي اکيون پوري ٿوهر هيٺ جهلي. شيشي ڪنهن غمزده جي حياتيءَ جيان ڀرجي ٽمٽار ٿي وئي.

اڃان قدم جهوپڙيءَ ۾ رکيائين تہ ماءُ جي ڪنجهڻ جو آواز آيو. هن جي ڪنگهہ سان ڄڻ سڄي جهوپڙي ڏک ۾ ڏڪي ٿي وئي. پٽ کي ڏسندي ئي هن جي چهري تي رونق اچي وئي "ابا!" هو ٿوري دير لاءِ سانت ٿي وئي. "اڄ تہ ضرور منهنجي لاءِ دوا آندي هوندءِ!" هوءَ جيان ماٺ ٿي ويو. "ابا! هن جيئڻ کان موت ڀلو!" هو ماءُ جي ويجهو آيو ۽ ماءُ کي ڀَڪلي ملي، اچي روئڻ ۾ ڇٽڪيو. "ها، امان اڄ مان تنهنجي لاءِ دوا آندي آهي." سندس آواز سڏڪن ۾ گم ٿي ويو. هوريان هوريان اٿيو شيشي ڪڍيائين. سندس هٿ ڏڪڻ لڳا. ساهہ تيز کڄڻ لڳو. اکين اڳيان اونده ڇانئجي ويس. مٿو ڦرڻ لڳس. ڪجهہ

ٽپڙا پيالي ۾ وجهي، پاڻي ملائي، ڪٽي ماءُ کي ڏنائين، جنهن کي هو امرت سمجهي هڪ ئي ساهيءَ سان ڳٽ ڳٽ ڪري پئي ويئي، پوءِ هن جي چهري تي مرڪ ڇانئجي وئي. ”ابا! توکي منهنجو ڪيڏو نه خيال آهي! ابا، تون فرشتو آهين فرشتو!.“ هن ڪنڌ ڪٽي ماءُ جي جهولي ۾ وڌو. ماڻس جو هٿ آهستي آهستي هن جي وارن ۾ ڦرڻ لڳو. جڻ هوءَ پنهنجي آڱرين سان سندس وارن کي ڦڻي ڏيندي هجي.

ڪفن چور

سڄي شهر ۾ هو هوا ٿي وئي تہ ڪرم الله کي رات ڪفن چوري ڪندي پڪڙي ويو آهي. ماڻهن کي ڏندين آڱريون هيون جيترا هيا وات اوترين هيون ڳالهيون. ”منهن ۾ ملا اندر ۾ ابليس!“ جڏهن اهڙا ڏسڻا واسڻا ماڻهو اهڙا ڪم ڪندا تہ دنيا ويهڻ ڪان ويئي. ”قيامت آئي بيو چا!“ ”چوري بہ ڪهڙي ڪفن جي چوري!“ دنيا بہ چٽ دين بہ چٽ. ٻنهي جهانن ۾ منهن ڪارڻ! ”مردود کي شايد رات اچي ڪتي ڪنيو هو جو چوڪيدار جي نظر پئجي ويس ۽ وڃي ڳٽر ڪان جهليائينس. قبر کوٽي مٽي جو ڍير هڪ پاسي ڪيو هئائين اڃان مردي جو ڪپڙو لاٿائين پئي تہ جهلجي پيو.“ ”سائين زماني تي ڪهڙو اعتبار!“

ڪرم الله جي سڄي پاڙي ۾ ساک هئي. هر ڪو ننڍو وڏو ڪيس سڃاڻندو هو. پاڙي جي مسجد جو ٻانگو هيو. صوم صلوات جو پابند. صبح جو سوير اٿي تهجد پڙهندو هو— بلند آواز سان ذڪر ڪندو هو. نفل پڙهڻ کان پوءِ اذان ڏئي ماڻهو کي خير جي عمل جي ڪوٺ ڏيندو هو. نماز پڙهڻ کان پوءِ وري قرآن شريف جي دور ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويندو هو. قرآن شريف اهڙي سٺي قرأت سان پڙهندو هو جو واٽهڙو ڪا گهڙي تہ بيهي هن جو پڙهڻ ٻڌندا هيا. سڄو ڏينهن سندس چپ پيا چرندا هيا. دل ئي دل ۾ پيو درود ۽ صلوات پڙهندو هو. نوراني چهرو ڏگهي سفيد سونهاري. مٿي تي ملڪن جهڙي سفيد دستار. بدن تي سفيد چولو جيڪو هن جي گوڏن کان هيٺ پيو لڙڪندو هو. هلڪڙي بہ تختي سلوار جنهن جا پاچا ننڍا ۽ سدائين مرين کان مٿي هوندا هيا. چوغي جي مٿان خاڪي واسڪوٽ جنهن سان ڳاڙهو سفيد چٽن سان رومال پيو لڙڪندو هو. هيئين کيسي ۾ ناس جي دٻلي جنهن جي مٿان آئينو لڳل هوندو هو جنهن ۾ ناس ڏيڻ وقت پنهنجي صورت ڏسندو هو ۽ ريش مبارڪ تي هٿ ڦيريندو هو. هٿ ۾ دراز عصا جنهن جي مٿان پٽ چڙهيل. گهٽي مان لنگهندو هو تہ ماڻهن سان ڏاڍي خلق ۽ محبت سان ملندو هيو. سندس لبن تي سدائين مرڪ هوندي هئي. ماڻهو چوندا هيا ”فرشتو آهي فرشتو“

اگرچہ هو ان شهر جو رهاڪو نہ هيو مگر هن کي ان شهر ۾ آئي ويهہ سال کن ٿي ويا هئا. انهن ويهن سالن ۾ جيڪڏهن ماڻهن ٻڌي تہ هن جي ساراهہ ٻڌي. ڪنهن بني بشر ڪڏهن ايترو بہ نہ چيو تہ ڪو مون سان ڪهرو ڳالهايو اٿائين.

ڪرم الله کي ڪورٽ جي ڪٺهڙي ۾ حاضر ڪيو ويو ڪورٽ ۾ ماڻهن جا حشام اچي مڙيا- هن ڪان اول شهر ۾ اهڙو واقعو ٿيو ئي ڪين هو ڪن ڪرم الله مٿان چٽرون پئي ڪيون. "سائين اچ ڪلهه جي ملن جا حال ڏسو" ڪنهن چيو "منهن ۾ ملان اندر ۾ ابليس" ڪنهن چيو "چون به خلوت مي روند ڪار ديگر مي ڪنڊ." ڪن کي ٿوري گهڻي ڪرم الله سان همدردي هئي ۽ انهي راز ٻڌڻ جي فڪر ۾ هيا ته ڪرم الله اهو ڪم ڇو ڪيو؟

ڪرم الله جو چهرو مرجهايل تي معلوم ٿيو جنهن مان نورانيت غائب تي وئي هئي. سندس پيشانيءَ ۾ گهنج پيل هيا ۽ اکيون هيٺ جهڪيل هيون. مئجسٽريٽ هٿوڙو ٽيبل تي هٽي به دفعا خاموش خاموش پڪاريو. ڪورٽ ۾ سانت ڇانئجي ويئي. ڪرم الله کي بيان ڏيڻ لاءِ چيو ويو هن آهستي آهستي پنهنجون اکيون مٿي ڪنيون. سندس نظر ۾ ساري ڪورٽ. ڪرسين تي ويٺل ماڻهو ڪارن ڪارن جبن سان وڪيل ۽ شاندار ٽيبل تي ويٺل مئجسٽريٽ سرڪس جي گولي وانگر ڦرندا ڏسڻ ۾ آيا. آخر اهي سڀ ڦري هڪ نقطي تي ختم ٿي ويا. جنهن ۾ هن کي پنهنجي بيمار زال. جا بيماري سبب مرڻ جي پڪ تي هئي ڏسڻ ۾ آئي. جنهن ۾ هن جي جوان ڌيءُ جنهن جي جواني قاتل ڪپڙن ۾ اگهاڙي پئي ٿي ڏسڻ ۾ آئي ۽ ان ۾ سندس معصوم پٽ بک وچان رڙندو ٿي نظر پئي آيو. هن جي اکين مان ڳوڙها نار ڪري وهڻ لڳا. جي سندس سفيد ڏاڙهي تان وهي زمين ۾ جذب ٿي ويا. "سائين مونکي پنهنجو ڏوهه قبول آهي." ڪرم الله جو آواز نڙي ۾ ڦاسي پيو. "مگر آءُ ٻيو ڪري ڇا ٿي سگهيس. آءُ تر جو رهاڪو آهيان. اتي بک کان بيزار ٿي هن طرف آيس. الله سائين پنهنجي مهربانين سان مونکي نوازيو. هتي جلد ئي مونکي پاڙي جي مسجد ۾ ٻانگ ڏيڻ تي مقرر ڪيو ويو. ڏهه روپيه مسجد جي سار سنڀال عيوض مقرر ٿيا. اوڙي پاڙي مان صبح شام ٽڪيون ملنديون هيم جنهن مان ڪجهه پاڻ کائيندو هوس ۽ ڪجهه فقيرن کي ڏئي ڇڏيندو هوس. پنهنجو وقت بي فڪري سان پئي گذريو سستائي جو وقت هو ڏهه روپين مان ڪجهه لٽي ڪپڙي تي خرچ ٿيندو هيو ڪجهه ٻين ضروري شين تي تنهن هوندي به ٻه ٽي روپيا بچندا هيم. الله جي مهربانين جون هر وقت ٻه رڪعتون نفل پڙهي شڪريو بجا آڻيندو هوس. ان وقت ڳوٺ جي چڱي مڙس جي مهرباني، سان منهنجي شادي خانه آبادي ٿي. اڳ هڪ سر هئس هينئر ٻه سر ٿياسين. ڏٽيءَ پنهنجي ٻاجهه سان پئي اسان جو وقت چڱو گذاريو. ڪڏهن به ڪنهن جي در تي هٿ ٽنگڻو نه پيو وقت اهڙي ريت گذرندو ويو. نمازي جيئن پوءِ ٿيئن ويا گهٽ ٿيندا. منهنجي اولاد وئي وڌندي. ٽڪيون جي اڳ ملنديون هيون سي ذري گهٽ بلڪل بند ٿي ويون. شيون جي ڪالهه سستيون هيون سي اڄ چوٽ چڙهي ويون. ڪالهه رپئي ايترو ان ملندو هيو جو سارو مهينو

هلندو هيو. اڄ ڏهين روپئي ايترو مس ٿي مليو جو ٻه هفتا ڪن مس هلي. ڪالهه ڪپڙو چئين آني وال هيو ۽ اڄ اهو ڪپڙو چئين روپي وال به نه ٿي مليو. اڳ ڳائڻ ۾ پهرڻ لاءِ هڪ سر هئس پوءِ ٻن مان ٿري پنج ٿياسين. هڪ نياٽي ۽ ٻه پٽ ڏٽيءَ پنهنجي نوازش سان مونکي عطا ڪيا مگر منهنجي پگهار جا پهرين ڏينهن کان مقرر ٿي هئي انهيءَ جي شرح ۾ ڪوبه ڦيرو نه آيو. مسجد جي متولين کي ڪيئي بار عرض ڪيم. هنن ائين چئي ٽڙڪائي ڇڏيو ته ٻيو ان کان زياده ڇا ڏئي ٿو سگهجي؟ منهنجي گهٽين منٿن ۽ آزين نيزارين تي پهريان ٿي پوءِ ٻه روپيا ٻيا به وڌائي ڏنائون. منهنجي وڌندڙ اولاد ۽ شهر ۾ وڌندڙ شين جي قيمت سان منهنجو پورائو نه پئي ٿي سگهيو. اڳ پاڙي مان ايتريون ٽڪيون اينديون هيون جو سڀ پيٽ ڀري کائي سگهندا هياسين، هينئر ڪو وقت اهڙو به ايندو هو جو سڀ بک تي وينا هوندا هياسين. اڳ عيد برات تي پاڙي مان ڪو لٽو ڪپڙو به ملندو هيو مگر هينئر اهو به بند ٿي ويو. آءُ سفيد پوش ماڻهو ڪنهن جي اڳيان وجي هٿ ٽنگيان. هڪ ٻه مهربان جن ۾ اميد هيم اهي منهنجي هر وقت جي گهر کان اهڙو تنگ آيا، جو مونکي ڏسي منهن کڻي ٻئي طرف ڦيرائيندا هيا جڻ ته اصل واقف ئي ڪين هيا. منهنجي گهر واري ٻچڙن جي بک ۽ اوگهڙ جي غم ۾ بيمار ٿي پئي. گهر ۾ هڪ ڪوڏي به نه هئي جو کڻي خرچ ڪجي. مون روئي ڏٽي در ٻاڏايو ”اي دنيا کي بخشيندڙ منهنجي زال کي شفا بخش“ پنهنجي ننڍڙي ٻچ کي بک ۾ رڙندو ڏسي ڏٽيءَ در التجا ڪيم، ”اي جڳ کي روزي بخشيندڙ اسان جي بک دور ڪر. “هڪڙي ڏينهن جڏهن پنهنجي گهر آيم ڏٺم ته منهنجي جوان ڌيءُ هاجران جي ايرندڙ جواني چولي جي چاڪن مان اگهاڙي ٿي ائين پڪاري رهي هئي، ”بابا ڇا تون مونکي ٻه وال چولي ۽ ٿي وال سلوار لاءِ به وٺي نه ڏيندين جو مان پنهنجي جواني ان ۾ ڇپائي ڇڏيان؟“ ان ڏينهن مان بارگاهه الاهي ۾ بيحد ٻاڏايو سجدي ۾ سر رکي رئندو رهيس ”اي پردو ڍڪيندڙ! اي ستار! ڇا تون اسان مسڪينن تي ايتري مهرباني به نه ڪندين جو ايترو ڪپڙو عطا ڪرين جو منهنجي حاجران جي اوگهڙ ڍڪجي سگهي.“ منهنجون دعائون بي اثر ثابت ٿيون. آءُ جڏهن به گهر ويندو هوس ته هر وقت حاجران جي عريان ٿيندڙ جواني اهو ساڳيو سوال مون کان ڪندي هئي. آءُ شرم جو ماريو زمين ۾ گهري ويندو هوس. ڏينهون ڏينهن منهنجا حوصلا خطا ٿيندا ويا. ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته ڇا ڪجي، نه ڪنهن ۾ اميد نه ڪنهن ۾ آسرو. نماز پڙهائڻ وقت ساڳي آيت به ٿي ٻيرا پڙهي ويندو هوس، سجدي ۾ ويندو هوس ته اٿڻ تي دل نه ٿيندي هئي. وقت تي رڪعتون وڌي ويندي‌يون هيون ۽ وقت تي گهٽ ٿي وينديون هيون. متولين مونکي گهرائي چنبڙ ڪيو. ان وقت دل ۾ آيو ته وڏي واڪ ڪين

چئي ڏيان تہ ڪاش! اوهان جي گهر ۾ بہ ڪا جوان ڌيءُ هجي ، ان جي جواني قاتل ڪپڙن مان عريان ٿيندي هجي ۽ اوهان وٽ ڪجهہ بہ نہ هجي جوان جي اوگهڙ ڍڪي سگهو.

ڪنهن ۾ بہ اميد نہ ساريم. ٻيو طريقو بہ نظر نٿي آيو. سوچيم ڪپڙا قاڙي ڪشتو ڪٽي پنان، مگر ائين بہ نہ ڪري سگهيس. انهيءَ ڏينهن جڏهن آءُ مقام ڌانهن ويس ڏٺم تہ مردي کي نئين ڪپڙي ۾ ويڙهي دفنايائون. مون سوچيو آخر مئن کي جيئرن کان وڌيڪ ڪپڙي جي ڪهڙي ضرورت آهي. مردي کي ڪفن نہ هوندو زمين ان جي اوگهڙ ڍڪي ڇڏيندي، پر جي زنده ماڻهو وٽ ڪپڙو نہ هوندو تہ دنيا جي نظرن کان ان جي اوگهڙ ڪيئن ڇپي رهندي. مون محسوس ڪيو تہ حاجران کي ان لاش کان ڪپڙي جي زياده ضرورت هئي جو سندس اوگهڙ ڍڪي سگهي. افسوس مان پنهنجي حاجران جي اوگهڙ ڍڪي نہ سگهيس."

ڪورٽ ۾ چؤطرف سانت ڇانئجي وئي. هر هڪ جو چهرو اداس ٿي ويو. جج صاحب اٿي پنهنجي چيمبر ۾ ويو. ڪورٽ ۾ ماڻهن جو چوٻول شروع ٿي ويو. سڀ جج صاحب جي فيصلي جا منتظر هيا. جج صاحب پنهنجي چيمبر مان اٿي اچي ڪرسيءَ تي ويٺو. هٿوڙو ڪٽي ٻہ دفعا ٽيبل تي هنيائين، "خاموش — خاموش" جي آواز سان ڪورٽ ۾ ماٺ ٿي ويئي.

"ان ۾ شڪ ڪونهي تہ ڪرم الله اهڙو ڪم ڪيو آهي جو قانوني ۽ اخلاقي خيال کان ڏوهہ آهي مگر هن جي اڳين چال چلت ۽ مجبوريءَ کي ڏسي ڪورٽ مٿس رحم آڻي." جج ڪنڌ مٿي ڪٽي ڪرم الله نهاريو "ٽي مهينا سخت پورهئي سان جيل جي سزا ڏئي ٿي."

ڪرم الله جي اکين مان ڳوڙها ٽم ٽم ڪري وهڻ لڳا. چئي رهيا هيا، "ڌيءُ مونکي قيد جي پرواهہ نہ ٿئي ها جيڪڏهن مون کي اهو يقين هجي تہ هينئر تنهنجي جواني اگهاڙي نہ رهندي."

امڙ مان نہ ڪندس

بسين جو ڪڙڪو ٿيو، ڪي بسيون تختي تان پٽ تي ڪري ٽڪر ٽڪر ٿي ويون. ”رمون“ رحيما، جا اڱڻ ڪي ٻهاري ڏئي رهي هئي، رڙ ڪئي، ”نيٺ بسين جو ٻيڙي ٻوڙيئہ؟“ رمون ائين ڪچي جيئن پيت. چور جيان چپ ڪيون بيٺو رهيو. ”جيڪڏهن تون پنهنجون حرڪتون بند نہ ڪندين تہ آءُ تون سان آئنده ڪونہ ڳالهائيندس، بس گهر ڇڏي هلي ويندس.“ رمون آهستي ٻلي وانگر پير ۾ پير پائي ماءُ ڪي پنيان اچي ڳراتڙي وڌي، ماٽس جي سموري ڪاوڙ ڪافور ٿي ويئي. ”امڙ تون مون ڪي سچ پچ ڇڏي ويندينءَ؟ امڙ تون مون سان ڪونہ ڳالهائيندين؟“

جڏهن بہ ماٽس ڪيس نہ ڳالهائڻ جو ۽ گهر ڇڏي وڃڻ جو دڙڪو ڏيندي هئي تہ سندس منهن جو پنو ئي لهي ويندو هو ۽ دل مايوس ٿي ويندي هيس. يڪدم ماءُ ڪي ياڪر پائي منٿون ڪندو هيو ”امڙ ائين نہ ڪجانءَ.“ ماٽس جو بہ منجهس ساهہ هو. سڪي سڪي تہ ڄائو هو. مرحوم مڙس جي نشاني. پيرن فقيرن کان پني پني تہ مليو هيو. صبح سانجهيءَ نماز پڙهڻ ڪان پوءِ ٻئي زال مڙس ڏٽيءَ کان پٽ جي دعا گهرندا هيا. پيرن فقيرن تي پٽ لاءِ سڪائون باسيندا هئا. يوسف شاهہ بخاريءَ جو پڙ، ميان شاهل محمد ڪلهوڙي تي جهنڊ، سائين حاڪم شاهہ پٽ واري جي ديگ، حاجن شاهہ جو گهنڊ، امامن جو نياز ۽ پيران پير جي يارهين. حليمان، جڏهن ساهيڙين سان وهندي هئي تہ چوندي هئي، ”ادي پيرن ڏنو آهي.“ جڏهن رمون پيٽ ۾ ٿيو تہ امام ضامن جا منيا ورهايا ويا ۽ پنجن مهينن ڪان پوءِ اڌ ڳپ ڪيو ويو. جڏهن ڇوڪر ڄائو تہ پٽس ڪين گهٽايو — جيڪي هيس ان ڪان زياده خوشيون ڪيائين. اجا ڇوڪر ٻن سالن جو ٿيو تہ ڇوڪر جو طهر بہ ڪري ڇڏيائين. طوهر تي وڏي ڏام ڏوم ڪيائين. مگر پٽ جو سک ڏسي نہ سگهيو. طوهر کان جلد ئي پوءِ رمون الله ۽ رحيما جي سپرد ڪري پاڻ الله واهي ڪيائين. مرڻ وقت پٽ ڪي ڳلي لائي نرڙ تي چمي ڏنائين. اڪين ۾ آب آٽي زال ڪي چيائين، ”رحيما! منهنجو رمون هينئر توکي پهتل آهي. هنکي متان ڏکيو ڪرين. هن ڪي پنهنجي ساهہ کان وڌيڪ پيارو رکج.“ ائين چئي اشهد ڪلمو پڙهيائين.

مڙس جي مرڻ کان پوءِ رحيما، رمون لاءِ پيءُ نہ هئي تہ ماءُ بہ. جيڪو لهندي هئي اهو اول پٽ جي حوالي ڪندي هئي. پهريان رمون ڪي کارائيندي هئي پوءِ پاڻ گره ڪٽندي هئي. جيڪڏهن رمونءَ کي ڪجهہ ٿيندو هيو تہ سندس ساهہ ئي هيٺ مٿي ٿي ويندو هو. جڳ ۾ ڪا پياري شيءِ هيس تہ رمون.

ڪڍهن ٻه پٽ تي هٿ سڌو نه ڪيائين. ڪهڙي به شرارت ڪندو هو ته وڏ ۾ وڏ چوندي هيس "آءُ توسان نه ڳالهائيندس. گهر ڇڏي هلي ويندس. . . ." رمونءَ لاءِ ان کان وڌيڪ ٻي ڪا ڏکي ڳالهه ڪانه هوندي هئي. جيستائين ماڻس نه مرڪندي هئي تيستائين ماٺ نه ڪندو هو.

2

گهٽيءَ ۾ ٻار راند ڪيڏي رهيا هيا. ڪيڏندي ڪيڏندي ڳالهه وڃي تون ڇا تون ڇا تي پهتي – رمون هڪڙي ڇوڪر کي ڪنج ڪڍي وٺي گهر ڀڳو. ماءُ جي نظر بچائي ڪٽ هيٺ لڪي ويهي رهيو. ڇوڪر اچي ماڻس کي دانهن ڏني. ماڻس ڪاوڙ ۾ چيو "اچڻ ڏيوس، آءُ ٿي لپري لاهيانس. بس پٽ آئنده توسان نه وڙهندو." ڇوڪر روئندو سڏڪا ڀريندو گهر هليو ويو. رمون آهستي آهستي ڪٽ هيٺان نڪري چپ چپ ڪري اچي ماءُ کي ڀاڪر وڌو. ماڻس ٿڏي ٿي ويئي، "نه، نه. آءُ توسان ڪيئن ڳالهائيندس، آءُ گهر ڇڏي هلي ٿي وڃان. . . تون جو ڪنن ڇوڪرن سان گهمين ٿو ۽ وڙهين ٿو."

3

سج لهي ويو اونده ٿي وئي، رمون گهر نه موٽيو. ماءُ جي من ۾ هورا ڪورا اچي لڳي. "الائي ڇو اوير ڪئي اٿائين؟ ضرور ٻارن سان کيڏندو هوندو. شل ڏٽي ڪوسو واءُ نه لائيس." مگر ماءُ جي من کي آرام ڪٿ، ايلاز ڪري پاڙي جي ڇوڪر کي موڪليائين ته وڃي وٺي اچيس. اجان رمونءَ گهر ۾ پير پاتو ته ماٺ ڪري ويهي رهي. "امڙ" رمونءَ هوريان چيو. "چانور" "جيڪا تنهنجي ماءُ هجي وڃي ان کان گهر. آءُ توسان ڪين ڳالهائيندس. آءُ هينئر گهر ڇڏي هلي ٿي وڃان. تون اڌ اڌ رات تائين وتندين رلندو." رمونءَ ماءُ کي اچي ڀاڪر وڌو.

4

رمون اسڪول مان ڦرهي سليٽ ڳوٿريءَ ۾ وجهي ڪسڪي هليو ويو. اسڪول جا ڇوڪر به شڪارين جيان اچي سندس پنيان پيا. سهڪندو سهڪندو اچي گهر پهتو. رمون اڳيان ڇوڪر پنيان، رمونءَ وڃي ماءُ جي پير ۾ ٻيٺو. ڇوڪر در تان سڏ ڪيو. ماڻس رمونءَ ڏانهن نهاريو رمونءَ جي منهن جو پنو لهي ويو. " بس جي تون اسڪول کان پڇي ٿو اچين ۽ پڙهڻ نه ٿو وڃين ته پوءِ منهنجو هن گهر ۾ رهڻ جو ڪهڙو ضرور آهي، آءُ هينئر ئي هلي ٿي وڃان."

رمونءَ جي اکين مان ڳوڙها ٽم ٽم ڪري وهڻ لڳا. ڳوڙهي ڪنيائين، ائين ٽي ويو. جيئن ٻڪري ڪسڻ ويندي هجي.

5

رحيما پٽ جي اسڪول وڃڻ کان پوءِ هن جي آئنده تي سوچڻ لڳي رمونءَ جي شادي سندس ماروٽ سان ڪرائيندس. ڇوڪري پنهنجي بہ آهي ۽ سهڻي بہ آهي. اهڙي ريت اسان پاڻ پيڙهه هميشہ لاءِ ڳنڍجي ويندا سين. رمونءَ جي خيالن ۾ ويني هئي تہ سندس بت گرم ٿي ويو. اٿي کٽ تي آهلي پئي. رمون اسڪول کان موٽي آيو. اڇڻ سان ماءُ کي پاڪر پاتائين، "امڙ تنهنجو بت گرم آهي، امڙ توکي بخار آهي." ڊاڪٽر آيو رحيما کي ڏسي چيائين، "مائي کي گردن توڙ بخار آهي." سيني جا طاق لڳي ويا. پرڀات ويل رحيما موڪلائي ڪئي. گهر ۾ مانداڻ مچي ويو. رمون ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿيو. يڪدم ڊوڙي ماءُ وٽ ويو "امڙ. . . امڙ. . . " مگر ڪيس جواب نہ مليو. " امڙ. . . امڙ ڇو تون مون سان ڳالهائين نہ ٿي. تون مون سان ڪاوڙي آهين ڇا؟ امڙ جواب تہ ڏي. مامل امڙ مون سان رٺي آهي. امڙ اڳتي مان اسڪول کان ڪونہ گسائيندس. . . امڙ تنهنجو چيو ڪندس. دير سان گهر نہ ايندس. . . . امڙ ڪنهن ڇوڪرن سان نہ ڪيڏندس ۽ نہ وڙهندس، نہ وري شرارت ڪندس. امڙ جيئن تون چوندين تيئن ڪندس. . . " رمونءَ جا اهي لفظ ٻڌي سڀ اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳا. رمونءَ واٺڙو ٿي ويو. "هي روئن ڇو ٿا؟ " "اوهين روئو ڇو ٿا؟" "هي روئن ڇو ٿا؟" "پٽ اچ تہ ٻاهر هلون، تنهنجي ماءُ کي بخار هيو نہ. . . ان کي هينئر ننڊ آئي آهي."

رحيما کي وهنجاري سهنجاري آخري پيرو رمونءَ کي ماءُ جو منهن ڏيکاريائون. رمونءَ ماءُ کي پاڪر وجهي ڳلن کي چمڻ لڳو. "منڙي امڙ. . . جيجل امڙ . . . اکيون تہ کول ڇو مون سان ڳالهائين نہ ٿي؟"

رمون کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آئي تہ امڙ گذاري وئي آهي. ڪيس ريجهائي وٺي ويا. رحيما جو جنازو کڻي ويا. رمون جڏهن گهر آيو تہ ماءُ کي سڏڻ لڳو "امڙ. . . او امڙ!. . . "

"پٽ تنهنجي ماءُ حج تي ويئي آهي." نانهنس چيو. " نہ نہ امڙ مونکي اڪيلو ڇڏي نہ ويندي. ضرور مون کان هو ڪاوڙجي وئي آهي. " "امڙ! خدا جو قسم اڳتي اسڪول کان ڪونہ گسائيندس، ڪڏهن بہ دير ڪري گهر نہ ايندس، ڪڏهن بہ ڪنن ڇوڪرن سان نہ ڪيڏندس ۽ نہ وڙهندس، ڪڏهن بہ شرارت نہ ڪندس، امڙ مونکي هيڪلو ڇڏي نہ وڃ، امڙ مون کي پاڻ سان وٺي وڃ." "امڙ ! . . . او امڙ! "

علوءَ جا عشق

”منهنجو عورتن تي پڪو چڙهيل آهي.“ هو مرڪيو ۽ مرڪ هن جي چهري تي پکڙجي وئي. هن جا ڳل رت جي تڪڙي دوري سبب سرخ ٿي ويا ۽ هن جون اکيون به شرارت ۽ شوخيءَ وچان ائين چمڪڻ لڳيون جيئن سج جي روشني ۾ تلاون ۾ بيٺل پاڻي.

“ڪهڙي به عورت، چاهي حور ڇو نه هجي پر جي هڪ ڀيرو اسان جي اک مليس پوءِ ڪاڏي ويندي.” هو ائين ماٺ ٿي ويو جيئن ڪو ڳالهائيندڙ منو ٻوليندو ٻوليندو ماٺ ٿي وڃي.

بکر جي ملٽري اسپتال جي وارڊ نمبر ڇهين ۾ صرف ڇهن مريضن جو بندوبست هيو. جن مان ٽن مريضن کي واپس وئي ڪيترا ڏينهن ٿي ويا هيا. باقي ٽن مريضن مان پهرين مريض جو نالو علو هيو. علو مردانيءَ بيماري ۾ ڦاٿل هو. اصل لاڙڪاڻي جي ويجهو گهاڙ واهه تي رهندو هو. ڪم جو ڪوس ڳالهين جو گهير. ڪنهن ڪم جو چيس ته ٻرو چڙهي ويندس، انهيءَ ڪري مائٽن ۽ هن جي پوندي نه هئي – هو ڪم جا زور ۾ هي ڪم جو چور. پيو گسائيندو ۽ گوٽناٽيون ڪندو. باقي مڙس ڪچهريءَ جو مور ۽ مڪانن جو مان هو. جنهن ڪچهري ۽ مڪان ۾ ويو ته اتي موج مچي ويندي. هر ڪو ڇڪي پنهنجي پرسان ويهاريندس يا ائي اچي علوءَ جي پير ۾ ويهندو. پوءِ اوپاريون لهواريون، هتان جون هُتان جون، پنهنجيون پرايون ڳالهيون شروع ڪندو. ڳالهه ۾ لوڻ مرچ ملائي اهڙي نموني پيش ڪندو جو ڳوٺ جي ماڻهن جون هينئيون هيٺ مٿيون مٿي رهجي وينديون. عجب ۾ وات پٽيون ويٺا هوندا. پر جي علو ڪچهريءَ ۾ نه هوندو ته ڪچهري اٻاڻڪي پئي لڳندي. نه ڪل نه ڀوڳ، نه چرچو نه گهبو نه ٺٽو نه ٺڪاءُ، هر ڪو وات ٻڌيون وينو هوندو.

مڙس ميلي ملاکڙي جو ڪوڏيو – ڪهڙي به ڪم جي موسم هجي، هر هجي، ريج هجي، رونبو هجي، لابارو هجي، ربيع هجي يا خريف هجي ٻن ڇئن کي ڪاريون اهو ٿو وجي.

ڪٿي، به ٿي ڪوهيءَ تي جي ناچن يا رنڊين جي راڳ جو ٻڌائين ته ويهڻ نه ايندس – ضرور اتي اچي ٺڪاءُ ڪندو.

مائٽ هن مان ڪڪ هو مائٽن مان بيزار نہ هي انهن جي ڪمن ۾ هٿ وجهرائي نہ هو هن جا انگل سهن. ڪنهن ڏيٺ واري ٻڏايس تہ ملٽريءَ ۾ ڪم گهٽ، پگهار سٺي، وردي عاليشان ۽ رعب زياده آهي. تہ اچي پونئري ڪنيس ڪم ڪان ڇتڻ ۽ ڳوٺ وارن تي رعب ڄمائڻ خاطر ملٽريءَ ۾ ڀرتي ٿي ويو.

اسپتال ۾ داخل ٿيڻ ڪان پوءِ وارڊ جي مريضن، وارڊ بوائز، نرسن ۽ ڊاڪٽرن سان رلي ملي وڃڻ ۾ دير ئي نہ ٿيس ائين ٿي محسوس ٿيو ڄڻ اهي سڀ هن جا عمر ڪان واقف آهن.

صبح ڪان جو ڳالهيون شروع ڪندو تہ اڌ رات تائين پيون هلنديون. جيڪو ور چڙهي ويس انهيءَ سان قصا ڪٽڻ شروع ڪندو. سسٽر ميري اسپتال جي اڌير عمر نرس ڪي ڏسي ڦونڊ ۾ نہ سمائبو هوءَ ڪلندي چوندي هيس " علو تو وٽ تہ ڳالهين جو ڪوهہ آهي جو ڪٽڻ جوئي ناهي." جڏهن ڏسندو تہ سيني ڪي ننڊ وٺي وئي آهي تہ پاڻ بہ مجبور ٿي سمهي پوندو.

هن جي ڳالهين جو مکيہ موضوع هو "عورت" ۽ "عشق" جڏهن عورت جو ناءُ وٺي پنهنجي عشق جو داستان ڇيڙيندو هو تہ هن جي آواز ۾ ڇڪ ۽ لفظن ۾ وهڪ پيدا ٿي ويندي هئي. لفظ هنجي واتان تڪڙا نڪرڻ لڳندا هئا. پوءِ ڳالهہ ڪي وٽ سٽ ڏئي ، ور وڪڙ ڪارائي، اهڙو چوٽ چاڙهي ڪٽي ڇڏيندو جو ٻڌندڙن جا تختا نڪري ويندا.

ٻئي نمبر مريض جو نالو دل وش هو. هنکي خارش جي بيماري هئي. سڄو ڏينهن ڪنهي ڪنهي پنهنجي بت جا ريڙ لاهي ڇڏيا هئائين. هو انهن مڪرانين مان هيو جي پشت بہ پشت شڪارپور ۾ استيشن ويجهو پشم جي ڪارخاني ۾ ڪندا آهن هو بہ پنهنجي پيءُ ڏاڏي وانگر ڪارخاني جي تنگ ۽ تاريڪ ڪوٺڙين ۾ جايو هيو ۽ انهن ۾ ئي وڏي وڏو ٿيو هو ۽ انهن وانگر ڪارخاني ۾ پشم صاف ڪرڻ ، ڳنڙين ٻڌڻ ۽ ڳنڙين ڍوئڻ جو ڪم ڪندو هو.

هو طبيعت جو هو سنئون سڌو نہ وڙ نہ وڪڙ جيڪو سچ سمجهندو هو منهن تي ڦهڪائي ڏيندو هو. ڪنهن سان کهندو نہ هيو پر جي ڪنهن ٽر ٽر ڪيس تہ انکي سڌو ڪري ڇڏيندو هو. هڪ ڀيري ڪارخاني جي جمعدار ڪي سڌيون ٻڌايائين ۽ ٻنهي جي وچ ۾ تون چا تون ٿيا ٿي پر ٻين مزدورن جي وچ ۾ پوڻ ڪري معاملو ٽري ويو — جمعدار جي ڪاوڙ معنيٰ سيٺ جي ڪاوڙ نوڪريءَ ڪان جواب ملي ويس ويتر جو پٽس ڏمال ڪييس تہ گهر ڇڏي روانو ٿيو. ٻن ٽن ڏينهن جي بک ۽ بيڪاريءَ ڪان پوءِ هڪڙي ملٽريءَ ۾ ڀرتي ڪندڙ جي چنبي ۾ اچي ويو.

دل وش، علوءَ جون ڳالهيون، وڏي چاھ سان ٻڌندو هيو ۽ ڳالھ جي آخر ۾ اهڙو وٺي ڍيڪ ڏيندو هو جو علوءَ جي سموري ڳالھ تي ليپو پائي ڇڏيندو هو. علو ڳچ وقت تائين تہ کياڙي کنهڻ ۾ لڳي ويندو هو.

ٽين کٽ تي سمهيل مريض جو نالو حفيظ هو. هن کي دل جي بيماري هئي. اصل حيدرآباد جو رهاڪو هو. هر وقت ڪنهن خيال ۾ گم ڪنهن ويچار ۾ ٻڏل رهندو هو. هر وقت اداس ۽ ڪوماڻل. چپن تي چپ، واتان اکر نہ اکلندس. علوءَ جون ڳالهيون بہ هن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي نہ سگهيون. هن کي هن جي ڳالهين مان ڪوبہ مزو نہ ايندو هو. جي ڳالھ هن سان ڇوريندو هيو تہ ها يا نہ چئي ڪانئس جند ڇڏائيندو هو. هن جي وهاڻي هيٺان هڪ تصوير پيل هوندي هئي جنهن ۾ هڪ معصوم ٻار هڪ خوبصورت عورت جي جهولي ۾ ويٺل هو. گهڻو ڪري انهي تصوير کي پنهنجي ڇاتيءَ تي رکي ڏسندو رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هن جون اکيون ڇلڪڻ لڳنديون هيون ۽ ڳوڙهن جون ننڍڙيون ننڍڙيون بوندون ڳلن تان وهنديون وهاڻي جي خشڪ ڪپھ ۾ جذب ٿي وينديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن هن کي ڪنهن جي ياد اچي ويندي هئي ۽ هو انهيءَ ڪونج وانگر جيڪا ولر کان وڇڙي اوچتو ڪنهن ماريءَ جي ڄار ۾ ڦاسي پوي، وانگر اداس اداس جهونگارڻ لڳندو هو جنهن کان ساري ڪمري ۾ اداسائي ڦهلجي ويندي هئي ۽ وارڊ جي فضا مغموم ٿي ويندي هئي.

مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ هن کي اميد هئي تہ ڪا نوڪري ملي ويندي، مگر گهڻن ڌڪن ڌومن کائڻ کان پوءِ بہ جڏهن ڪجھ نہ ٿيس تڏهن پنهنجي پينشن بردار پيءُ، جو پنهنجي وڏي عيال جي پيٽ پالڻ کان تنگ هو، پنهنجو پنهنجي زال ۽ ٻار جو بار وجهڻ واجب نہ سمجهيائين. مائٽن جي اجازت کان سواءِ وڃي ملٽريءَ ۾ ڀرتي ٿيو. ڀرتي ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي دل واري زال ۽ ٻار جو خيال ايترو ستايس جو ملٽريءَ مان جان ڇڏائڻ جي ڪيترا ڀيرا ڪوشش ڪيائين مگر اجايو. نيٺ، ڳڻتيون ۽ فڪر ڪندي بيمار ٿي پيو ۽ کيس اسپتال داخل ڪيو ويو.

حفيظ علوءَ جي سڄي ڏينهن جي بڪ کان جڏهن بيزار ٿيندو هو تہ چڙ مان رهڙ ڪيندو هوس جنهن کان پوءِ علو جي زبان کي ڪلف لڳي ويندو هو. علو ماٺ ٿي اٿي هليو ويندو هو.

“ڇو منهنجو عورتن تي پڪو ڇڙهيل آهي تنهنجي خير خدا کي، مگر ايترو چوندس تہ هڪ نہ مگر سون سان نينهن لڳايو اٿم ۽ جڏهن بہ لڳايو اٿم تڏهن ڪامياب ٿيو آهيان.”

ان مرشڪ ڪونهي تہ سهڻي شڪل، مضبوط جسم ۽ شڪار کي ڦاسائڻ جا گر جي جهونن استادن کان گهڻي ٿهل ٽڪور سان حاصل ٿين ٿا، عشق جي معاملي ۾ مددگار ٿين ٿا. پر ياڳ جي يلائي وڏي

ڳالهہ آهي ۽ منهنجو ستارو انهي معاملي ۾ هميشہ روشن پئي رهيو آهي.” دل وش جي جسم ۾ ڄڻ سيون چيڀڙ لڳيون ۽ جسم ڪنهڻ ۾ رنيي ويو— ڪمبل سوري آهستي آهستي پنهنجي مٿان وڌائين ۽ ڪنڌ ڦيري علوءَ ڏانهن ڪيائين.

“دوست منهنجي الهڙ جواني هئي. اها جواني جنهن ۾ عقل گهٽ ۽ عشق زور هوندو آهي. اجا دنيا کان اڄاڻ هوس. وڏيري وٽ ٻيلي هوس. وڏيري جو مون تي خاص راز هو ۽ وڏيري جي خاص ماڻهن مان ليکبو هوس. وڏيري کي ٻين شوقن سان گڏ زالن پرڻجڻ جو بہ ڏاڍو شوق هو. سريتن جي جيتوڻيڪ ڪمي ڪانہ هيس تاهم چار شاديون ڪيائين ۽ شادين ڪرڻ کان پوءِ وڏيرو ديرن تي خرچ پکو تہ چڱي طرح موڪليندو هيو پر ڪڏهن بہ اوڏانهن پيرو نہ ڪندو هو.

منهنجو ڪم هو ٻاهر جي اٽي ويني ۽ رات جي چونڪي. منهنجي ماني ٽڪر بہ انهيءَ ديري تان ايندو هيو. وڏيرن جي ماني ڪهڙي، جي راضي تہ ڪتيون جي ناراض تہ سڪو ڊوڊو ۽ ٻکون.

پهريان منهنجي قسمت ۾ هيا لنگهڻ ۽ فاقا ڪڏهن سڙيو ٽڪر ملندو هيو تہ ڪڏهن ٽڪر لاءِ واجهائيندي ويلا گذري ويندا هئا. هڪڙي ڏينهن مون ڏٺو تہ منهنجي ماني بہ مکيل آهي ۽ ان تي مکڻ جو چاڻو ۽ ڪنڊ بہ پيل آهي. اهڙي طرح ڪنڊ مکڻ زور ملڻ لڳم. انهي کان سواءِ ٻيون مهربانيون بہ هر روز وڌنديون ويون. آءُ دل ۾ خوش هوس مگر اهو پتو نہ ٿي پيم تہ اهي مهربانيون ڇو ٿي رهيون آهن؟ هڪڙي رات ٻانهيءَ چيو “سائڻ چوي ٿي رات راڳ تي نہ وڃجانءِ.” منهنجا سڀ سنگتي ۽ ڏيڊيءَ تي رهندڙ ساٿي راڳ تي هليا ويا آءُ اڪيلو ئي ڏيڊيءَ تي رهجي ويس. خار تہ ڏاڍا آيا پر حڪم هو ڇا ڪيان. ساڙ وچان سوڙ پائي سمهي پيس. ڳپل رات جو گذري ويو. چمني سيراندي کان ٻري رهي هئي. اوچتو ڪنهن ڦوڪ ڏئي چمنيءَ کي ڪٽي وسايو.

مان اجان ڪچان ئي ڪچان تہ هڪ ٻانهيءَ واري، نرم ۽ نازڪ هٿ منهنجي وات کي بند ڪري ڇڏيو ۽ ميندي جي هلڪي خوشبو سان منهنجو دماغ پر ٿي ويو— “اها منهنجي سائڻ وڏيري جي زال هئي.”

اجا علو ڳالهائڻ ٿي گهريو مگر دل وش وچ ۾ ڳالهہ کي ڪٽي ڇڏيو “گنوخ” دل وش ٿورو کليو ۽ چيائين، “انهي ۾ تنهنجي ڪاريگريءَ، تنهنجي حسن ۽ جوانيءَ جو ڪهڙو ڪرشمو آهي. اهو تہ وڏيري جو ڏوهہ آهي. جيڪڏهن هو پنهنجي ديرن تي اچڻ وڃڻ جو سلسلو جاري رکي ها، گهٽين زالن بجاءِ هڪ زال ڪافي سمجهي ها تہ وڏيري تو جهڙي جٽ تي نہ مري ها.”

علو اهو اوچتو حملو ٻڌي گهڙي سواءِ لاءِ تہ ڍڪرن ۾ پئجي ويو. جڻ سندس ڪئي ڪمائي چٽ ٿي وئي. ٿورو سامت ۾ اچڻ کان پوءِ چيائين چڱو هي ٻڌ. دل وش اٿيو پلنگ کي ٽيڪ ڏئي وهندي چيائين، "ها."

"هڪ ڏينهن ٻني تان گهر پئي آيس. سڄي ڏينهن جي هر ڪان پوءِ هڄ ٿي پيو هوس. سَنڌَ سَنڌَ پئي سور ڪيو. ڏاند بہ سڄي ڏينهن جي ڪم جا ستيل پير پير ۾ پئي هليا. سڄي ڏينهن جي تائي ۽ تپت ۾ وهڻ کان پوءِ اڄ کان انهن جون زبانون ٻاهر نڪري آيون هيون. جڏهن کوهہ جي ويجهو پهتا تہ سڏو منهن وجي پاڻيءَ ۾ وڌائون. آءُ بہ پنهنجو ٽڪ دور ڪرڻ لاءِ هٽ منهن ڌوئڻ لڳس. نار وهي رهيو هو. نار جو هلڪو هلڪو منو آواز ڳوٺ جي خاموش فضا ۾ چؤطرف پکڙجي ٿي ويو— شام جو وقت، چؤطرف ڪبڙيل ٻنيون سج جا آخرين حيات بخش ڪرڻا چوسي رهيون هيون. نيسر مان وهندڙ آب حيات جهڙو شفاف پاڻي نار جي سر ۽ تار تي نچندو ٽپندو ۽ وڏندو پئي آيو— نيسر مان هيٺ ڪرڻ کان پوءِ پاڻيءَ جا سفيد ڦوتا لڏندا لمندا ائين ڪسيءَ مان اڳتي وڌندا پئي ويا جڻ ننڍڙا ٻار ڪنهن وڏي واهہ ۾ هڪ ٻئي کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندا هجن.

نيسر جي اڳيان ٻڪ جهليم، سرد ۽ صاف پاڻي جا بہ ٽي ٻڪ پيري منهن تي ڇنڊا هنيم، اس ۾ جليل جسم ۾ جڻ جان پئجي وئي.

گهڙن واريون مٽي تي ۽ چيلهہ تي گهڙا رکيو لڏنديون لمنديون پئي آيون. کوهہ جي پاسي ۾ گهڙا رکي هڪ ٻي سان ڳالهين ۾ لڳي ويون— اوچتو ڪنهن منهنجي پرسان اچي گهڙو رکيو ۽ گهڙو رکي ٿورو پنتي تي بيٺي. ڪنڌَ ورائي ڏٺم تہ هڪڙي جوانڙي گلابي وڳو پهريل، هٿن پيرن تي مهنديءَ ۽ چپن تي مساڳ هنيل، اکين ۾ ڪجل جي ڪاري ڏار چنڊ وانگر چمڪي رهي هئي. کوهہ تي بيٺل عورتون هن سان چرچا ڪري رهيون هيون مگر هو شرم ٻوٽيءَ وانگر وئي پئي پنهنجي شرم ۾ سسندي. مان تہ ڏسڻ سان ئي دل ڏئي ويٺس شهزورن وانگر ڏاڙو هٽي دل ڦري ورتائين.

"هي انسان آهي يا پري؟" مان سوچي رهيو هوس مگر اسان جي ڳوٺ ۾ آئي ڪٿان؟ ديسي تہ ناهي ضرور ڪا پرديسڻ هوندي. پر جي پرديسي هجي ها تہ کوهہ تي پاڻي ڀرڻ ڪيئن اچي ها! آءُ ٿورو پنتي هٽي بيٺس هوءَ اڳتي وڌي، ميندي‌ءَ رتن هٿن سان گهڙي کي ڌوتائين. گهڙو ڀري ٻانهہ ورائي ڪٽي چيلهہ تي رکيائين ۽ هو هوريان هوريان هلڻ لڳي— مون آهستي جهونگاريو

"اي گهڙا مين تيڪون پن ستان—

تون ميڏي محبوب دي چيلهہ رنجائي."

هن ٿورو ڪنڌ پنتي ورايو ۽ مون اکين ئي اکين ۾ سلام ڪيس. ڪاوڙ ۾ منهن ڦيري ٽڪڙيون ٽڪڙيون وکون وجهندي هلي وئي. هوءَ ڇا ويئي مون کي به ڀڪر ڏئي وئي. کوھ تي بيٺل عورتن مان ڪنهن چيو "کهڙو نہ خوشنصيب آهي جمعو لوهر، پيريءَ ۾ به زال پناٽيءَ ملي اٿس." تنهن تي ٻيءَ وٽ ڪائيندي چيو "مئي ٽڪن جو بہ تہ ٻڪ پريو آهي. چون ٿا ڏاج ڏيوڻ کان سواءِ بہ بہ ٽي هزار ڏنا اٿائين." مون کي جمعي لوهر جي نصيب سان ريس ٿيڻ لڳي پنجاھ پنجونجاھ ۾ بہ زال دل جو نار هٿ ڪئي اٿائين ان جي پيٽ ۾ اسان جهڙا جوان وٺن نيها ڪائيندا.

دل ۾ اچي هورا کورا ٿي تہ ان کي ڪيئن هٿ ڪجي. گهڻا ئي جتن ڪيم پر منهن ئي نٿي ڏنائين. آخر جوانن کان ڪاڏي ويندي — مون بہ هن جو وقت تاڙي، کوھ تي وڃڻ پنهنجو نيم ڪري ڇڏيو — پهريان منهن ۾ سونڌ ۽ ڪاوڙ هيس — نيٺ مشڪي، پوءِ اکيون ملايائين ۽ آخر دل بہ ملايائين. دل تہ ملي پر ملڻ جو موڪ ئي نٿي ٿيو — نيٺ پنهنجي ملڻ لاءِ يوسف شاھ تي ماهين پهرين سومر جو ڏينهن مقرر ڪيوسين. مون کي تہ پڪ ئي نہ پئي تہ ڪا ايندي پر ڏٺم تہ مڙس کي ناڪيلي وجهي وٺي آئي. انهيءَ ڏينهن کان پوءِ اسين پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي وياسين. منهنجو هن ۾ ساھ هيو ۽ هوءَ مون تان ساھ صدقي ڪندي هئي. جيستائين ڏسندي نہ هئي تہ لوڙهي کان پئي ليئا پائيندي هئي." ڳالھ اڌ ۾ ڇڏيندي علوءَ دادا طلب نگاهن سان دل وش ڏانهن نهاريندي چيو "ڇئہ دوست ڇا ٿو چوين؟ مجين ٿو مڙسن کي يا نہ؟"

دل وش کنگهيو ۽ کنگهي ڪٽي ٽڪ اچليائين. "جوان، انهي ۾ تنهنجي مڙسي جو ڪهڙو ڪارنامو آهي، اهو تہ هن ٻڍي لوهر جي ڪم عقلي جو نتيجو آهي. شادي ڪرڻ وقت اهو تہ سوچيائين تہ جوان ۽ سهڻي زال هجي. مگر اهو نہ سوچيائين تہ ساڳئي بيل گاڏيءَ ۾ ٻڍو ۽ جوان ڍڳو ڪيئن هلي سگهندا. انهيءَ مائي جو بہ جيڪڏهن هم عمر جوان مڙس هجي ها تہ توڏانهن اک کڻي بہ نہ ڏسي ها — ڪراڙو مڙس سوڙ جو ساڙ، هو پيو کونگهرا هڻندو هوءَ پئي پاسا ورائيندي. ٿيو ائين جو پهريان تو پاسو ڏنس تون ڦٻي وئي پر جي ٻيو ڪو اڳتي هٿ وڌائي ها تہ اهو بہ لنگهي وڃي ها." علوءَ کي اها ڳالھ نہ وڻي، غصي ۾ چيائين، "تون مڙسن کي ڪڏهن بہ نہ مڃيندي چاهي ڌرتي سوني ٿي پوي. پر توکي مڃڻو ئي پوندو تہ علو مٽيا وارو مڙس آهي."

اوچتو ڊاڪٽر ۽ نرس ڪمري ۾ داخل ٿيا ڊاڪٽر جي هٿ ۾ ٿرماميٽر هو ۽ نرس جي هٿن ۾ داوئن جو ٿري هو. ڊاڪٽر علوءَ کي ڳالهائيندي ڏسي چيو "ضرور علوءَ جي عشق جو قصو هوندو جو نہ ڪڏهن پورو ٿيو آهي نہ ڪڏهن پورو ٿيندو." علو اڃا ڪجھ چوڻ وارو هو تہ ڊاڪٽر ٿرماميٽر کڻي وات ۾

وڏس، علوءَ جو وات بند ٿي ويو ۽ لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيس. ڊاڪٽر مريضن جو ٽيمپريچر ورتو نرس سيني کي دوائون پياريون، ٻئي سيني مريضن کي دم دلاسا ڏيندا ٻي وارڊ ڏي هليا ويا.

دل وش اٿي پنهنجي پلنگ کي ڇنڊيو چادر صاف ڪري پٿاري، ڪمبل کي تہ ڪري رکيائين. ڄنگهون هيٺ لڙڪائي وهاڻو سٿرن تي رکي علوءَ ڏانهن ڪن ڏيئي ويهي رهيو. حفيظ منهن ٻئي پاسي ورائي پنهنجي پورن ۾ پئجي ويو ۽ علوءَ وري پنهنجو داستان شروع ڪيو. "چڱو يار جيڪڏهن انهن ٻن ڳالهين کي نٿو مڃين تہ ٽين ٻڌ. شادي جي ڳالهہ تي مائٽن کان رسي ڳوٺ کي الله واهي ڇڏي شهر جو رخ رکيم. ٻڌو هيم تہ شهر ۾ ڪم بہ گهڻا. جڏهن شهر پهتس تہ ڪجهہ ڏينهن ٻاٽون پئي کاڌم، ڪيسا خالي ملڪ جو والي، نہ ڪم نہ ڪار پيٽوءَ جي آچار پئي پٽڪيس، ٿورن ڏينهن جي ٿاڀن کان پوءِ هڪڙي صاحب وٽ پٽيوالي ملي ويم. ڪم تہ ڪو خاص ڪونہ هو باقي سڄو ڏينهن صاحبن جي در تي ويٺو پوندو هو ۽ صاحبن جي ٻارن کي وندرائڻو پوندو هو. اهڙي ريت نوڪريءَ ڪندي ڳچ ڏينهن گذري ويا. مان پيي شهر ۾ رهي شهري ٿي ويس – هڪڙي ڏينهن جيئن صاحب جي ٻارن کي کيڏائي رهيو هوس تہ سامهون واري دري کلي ڪنهن جي کلڻ جو آواز آيو ۽ دري بند ٿي ويئي. مون سمجهيو مڙئي ڪو معاملو هوندو. پوءِ تہ هر روز صبح شام، پنهنجيون اکيون دري ۾ اٽڪائيءَ وهندو هوس. دري ٿورو کلندي هئي، کلڻ جو آواز ايندو هو ۽ دري وري بند ٿي ويندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن گيتن پريو آواز منهنجي دل جي جذبن کي پڙڪائي ڇڏيندو هو. دوست، جڏهن عشق جي ابتدا هوندي آهي ۽ پاڻ کي ڪٿي پسند ڪرائڻو هوندو آهي تہ ناهہ نوهہ ڪرڻو ئي پوندو آهي. آءٌ بہ پاڻ کي هر روز زيادهہ چمڪائڻ لڳس، تيل ڦٽي ۽ صاحب جي ڏنل ڪپڙن مان پورو پورو فائدو ورتم. هڪڙو مڙس ملوڪ ويتر جو نٽ وارا ڪپڙا پائڻ لڳس تہ شهزادو ٿي پيم – جهڙي تهڙي تي تہ اک بہ نٿي ٻڏي.

هڪڙي ڏينهن منهنجي صاحب پنهنجي ڪنهن دوست کي ٿي ٻڌايو تہ احد خان جون ڏيئر اڃي جوان ٿيون آهن مگر هو اجا ٿڏو مانجهاندو ڪيون ويٺو آهي. تڏهن مون سمجهيو تہ پڪي هڪ نہ پر گهڻا آهن جي عشق جو ڄار پکڙيو تہ هڪ نہ هڪ شڪار پاڻهيءَ ڪوڙڪي ۾ اچي سر اٽڪائيندو."

علو مڇ کي ٿورو مروٽي وڪڙ سڌا ڪري سانت ٿي ويو ۽ ٿوري ساهي پٽي چوڻ لڳو "درين جو اهو کلڻ ۽ درين جو بند ٿيڻ هر روز جي ڪار هئي مگر ڳالهہ انکان اڳتي وڌي ئي نہ ٿي. استاد جي هڪ نصيحت ياد آيم جو هميشہ چوندو هيو تہ پٽ، جيستائين مرد عورت ڏانهن هٿ نہ وڌائيندو عورت کي ڪڏهن بہ هٿ ڪري نہ سگهندو. تڏهن پڪو پهہ ڪيم تہ قدم کي اڳتي وڌائي مورچو هٿ ڪرڻ گهرجي. هينئر جڏهن بہ دري جي کلڻ جو آواز ايندو هو ۽ دريءَ مان اکڙيون جهاتيون پائينديون نظر ايندين هيون تہ

آءُ صاحب جي ننڍڙي پٽ ڏانهن منهن ڪري چوندو هوس ، “صاحب سلام” سلامن مان بہ ڪجھہ نہ ڪٿو. اهي اکڙيون اها دري جي وٿ، اهو ڪلڻ، اهو گيتن ڀريو آواز. گھڻي سوچ ويچار ڪان پوءِ ڳالهہ ڪي وڏائڻ جي ترڪيب ڪوپڙي ۾ ويٺي. جڏهن ڏٺم تہ دري ڪلي آهي تڏهن صاحب جي پٽ جو پس بال دري ڏانهن اهڙي ريت اڇلايم جڻ تہ پاڻ مرادو اوڏانهن هليو ويو.پوءِ بال گهرڻ لاءِ اوڏانهن ويس. اهڙي ريت ڳالهائڻ جو سلسلو شروع ٿيو. مون ڏٺو تہ ڏک پوري نشان تي لڳو آهي. آخر هڪڙي ڏينهن چيائين، “رات جو ٻي بجين تنهنجي انتظار ۾ در ڪليل رهندو.”

سڄو وقت ٻڏتر ۾ هوس، وڃان يا نہ وڃان. پرايو شهر جي پڪڙجي پيس تہ موچڙا هڻي نور وڃائي ڇڏيندا، ڪو بہ پاسو ڪٽڻ وارو نہ ليندو. پر جي ڦٻي ويس تہ پنجئي گيهہ ۾.

رات جو ميونسپل جي ٽاور زور سان ٻن جا ڏڪ هڻي ماٺ ٿي ويو. اٿنيهين جي رات چؤطرف اونده انڌوڪار لڳو پيو هو. اٿي ڪپڙا بدلايم. منهن کي لڪائڻ لاءِ ٻٽ ٻڌم. هٿيار مڙس جو ٻچاءُ آهي، هٿ ۾ ڪڙين واري مضبوط لوڙهہ کنيم. ٻاهر نڪري ڏٺم تہ ڪڪڙون ڪون لڳي پئي هئي . سياري جي رات هئي هر ڪو پنهنجي گهرن ۾ واڙيو پيو هو. شهر جا چوڪيدار سيءَ کان بچڻ خاطر ڪا ڪنڊ پاسو ڏئي سرڪاري گرم ڪوٽ ويڙهي سمهي پيا هيا. رستي جي ڀرينءَ پر ستل ڪتي ڪنڌ مٿي ڪڻي مون ڏي ڏٺو پڇ کي لوڏي ڀونڪڻ شروع ڪيائين ۽ پنهنجي جاءِ تان اٿيو ٿورو اڳيرو وڃي هڪڙي نانوائيءَ جي دڪان جي صندل هيٺان، پڇ ڇڏن ۾ ڏئي اکيون ٻوٽي ائين سمهي پيو ڄڻ ڪجهہ ڏٺو ئي نہ هيائين. شهر جي لوسي ڪتن جو ڪهڙو حال آهي، ڳوٺن جا ڪتا عاشقن جا ويري شل نہ اک ڀوين پوءِ ڳوٺ مٿي تي ڪڻي ڏيندا. مجال آهي جو پٺ ڇڏين، مرندا پر مڙندا ڪونہ لتر کائيندا بہ کارائيندا بہ.

آءُ هوريان هوريان چؤطرف نهاريندو، در وٽ پهتس در کي آهستي هٿ هنيم. ٿورو چيڪٽ ٿيو ۽ در کلي پيو. آءُ يڪدم ڦڙتائيءَ سان اندر داخل ٿي ويم. ڏٺم تہ اندر ڪو منهنجي اوسيئڙي ۾ ويٺو آهي. وڏي ڪٽي ٻک وڌومانس، پوءِ مدت جا سڪايل روح هڪ ٻئي کي ملي هڪ ٿي ويا.” علو ٿورو مشڪيو ۽ دل وش جي ڪلهي تي ڏک هڻي چيائين، “دوست، هيئنر تہ بس توکي مٺو پوندو.” دل وش وٺي وڏو ٺهڪ ڏنو ۽ هن جي پلنگ جا اسپرنگ هيٺ مٿي ٿيڻ لڳا، “يار، تون اڄا عورت جي مجبوريءَ کي نہ سمجهي سگهيو آهين انهيءَ ڇوڪريءَ جو پيءُ جيڪڏهن انهيءَ ڇوڪري جي شادي وقت سر ڪرائي ڇڏي ها ۽ هن جي جوانيءَ جا ڏينهن اهڙي ريت اڪيلائي ۾ گذرڻ نہ ڏي ها تہ هوءَ توسان نينهن لڙائڻ جو نالو ئي نہ وٺي ها نہ پنهنجي پيءُ جي عزت خراب ڪري ها.” دل وش خاموش ٿي ويو.

علو زهر جو ڍڪ پي ويو. دل ۾ سوچڻ لڳو شايد دل وش ڪڏهن به ڪنهن سان محبت نه ڪئي آهي تڏهن ٿو اهڙيون ڳالهيون ڪري نه ته جيڪر جوانن کي داد ڏيڻ کان سواءِ ڪٿي رهي سگهي ها. علو خار مان اٿيو ۽ ڪمري ۾ هيڏي هوڏي ڦرڻ لڳو ۽ دل وش کي ڪاوڙ مان گهوريندي چيائين، "دل وش تون ملو زيادهہ ماٺهو گهٽ آهين، تنهنجي دل مئل آهي. تو وٽ جوانن جو قدر گهٽ آهي. خدا جو قسم، جيڪڏهن تنهنجي جاءِ تي ٻيو ڪو هجي ها ته مونکي استاد مڃي ها، مگر تون آهين جو پنهنجي تي بينو آهين." هو ڪمري ۾ ڦرندو رهيو ۽ دل وش ڏانهن خار ۾ گهوريندو رهيو. هو سوچي رهيو هو ته هن کي ڪا اهڙي ڳالهہ ٻڌايان جو نپ ئي ٺري پونس ۽ اعتراض ڪرڻ جو موقعو ئي نه مليس، "چڱو ٻڌ، تنهن زماني ۾ مان اسٽيشن تي ريلوي گوديءَ ۾ ڪم ڪندو هوس. اسٽيشن جي ويجهو وڏيري شهداد خان جي بنگلي ۾ هڪ ڪوٺي مليل هيم ان ۾ رهندو هوس. شهر ۾ نئون نئون آيو هوس – ڪمائي به جام هئي، جيڪو ڪمائيندو هوس سو اڏائيندو هوس. ڇڻ هٿن ۾ ٽنگ هيا، رڪان ته رڪان ڪنهن جي لاءِ، نه رن نه روڳڙي نه آل نه اولاد، ڇڙو سر. جيڪو آيو سو ويو. پيسا هڪ سان وٺندو هوس ٻي هٿ سان ڦوڪي ڇڏيندو هوس. هوئنءَ به مال انهن وٽ مڙي جي موڏي هجن. نه هوندن اٽو نه هوندن لٽو نه بت تي پورو ڪپڙو نه پيٽ ۾ پورو ڪٽو. سڄو ڏينهن ڍورن وانگر ڳهندا تن کي تسيها ڏيندا تڏهن وڃي ڪجهہ مڙندن. پوءِ اهو به هٿي ڇڏيون خالي هٿين ائين ويندا جو نه تو ڏنا نه مون ڏٺا. ۽ انهن جي ميڙئي مان پونير پيا موجون ڪندا. پلجي وڏن کي ختمو به نه ڏياريندا نه انهن جي ناءُ تي ڪو ماني ڳيو ڏيندا. پلا جن پنهنجي لاءِ پنهنجي زندگيءَ ۾ پاڻ ڪجهہ نه ڪيو انهن جي لاءِ پوينر ڇا ڪندا.

ادا، مولائن جو مولا، سخي ۽ شوم جو ليکو ٻارهين مهينو هڪ جيترو اسان به ملنگ مڙس هياسين اهو عنيدو ته اڄ ڪمايون اڄ ڪائون سڀاڻي جو بلو پاڻهي الله ڪندو.

شهر ۾ رهڻ ڪري ڇند ڦوڪ ۽ ڪپڙي لٽي جو خيال زياده رکڻو پوندو هيو– هوئنءَ به ڪپڙو جوانيءَ جو پر آهي. ڪم تي صبح جو سويل ويندو هوس ۽ شام جو سويل موٽندو هوس شام جو تڙ پاڻي ڪري ڪپڙا بدلائي شهر جا خوب چڪر لڳائيا هيا. ۽ دوستن سان رهاڻيون ڪبيون هيون.

جنهن بنگلي ۾ آءُ رهندو هوس اتي هڪ ٻڍو ۽ هن جي ٻڍي زال به رهندا هيا. هو شهداد خان طرفان بنگلي جي نگهباني ڪندا هيا. جي وڏيرا بنگلي ۾ اچي رهندا هيا ته سندن ماني وغيره به پچائيندا هيا ۽ ٻيو به اٽ ويهہ جو ڪم ڪندا هيا. اهي ٻئي مون سان اهڙو ٺهي ويا جو مونکي پنهنجو پٽ ڪري سمجهندا هيا. مان به ڪين ابو امان ڪري سمجهندو هوس.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ شهداد خان آيو هن سان گڏ ديرا بہ هيا. ديرا بنگلي جي مٿان رهيا ۽ شهداد خان هيٺ رهيو. ٻيڙي ٻڌايو تہ وڏيري جي پيڙ ببيمار آهي ان جي علاج لاءِ آيا آهن. هڪڙي ڏينهن ٻيڙيءَ ٻڌايو تہ وڏيري جي پيڙ مير شاهل خان جي زال آهي، مير شاهل خان پنهنجي تر جو وڏو زميندار هو ۽ شهداد خان جو سوٽ هو. مير شاهل خان ويچارو پنج سال کن ٿيندا تہ بنا اولاد گذاري ويو آهي ۽ هن جي سموري زمين، باغ ۽ جايون پيڙ جي ڪري شهداد خان جي حوالي آهن. زال ۾ مڙس جي پاڻ ۾ ڏاڍي پريت هوندي هئي. مڙس جي مرڻ کان پوءِ مائي سنئين لڳين ناهي، هڪ نہ ٻي ڪيس چڙي نٿي. اجان چاڪ مس ٿي ٿئي تہ وري ڏهي ٿي پئي. گهڻوئي علاج ڪرايو اٿائونس مگر فائدوئي نہ ٿو پويس هينئر هت شهر ۾ وٺي آيا اٿس تہ من ڪنهن ڊاڪٽر جي دوا لڳيس.

شهداد خان جي اچڻ سان بنگلي جي رونق ئي بدلجي وئي. ڪچهريون ۽ محفلون شروع ٿي ويون. آءُ تہ ڪچهريءَ جو مور پيلا ڪچهريءَ کان سواءِ ڪٽي رهي سگهان. جيستائين ڪٽي ڇاڙي نہ لڳي تہ مغز کي آرام ئي نہ اچي. شهداد خان مون سان لوهہ لڳي ويو. جي مون اچڻ ۾ دير ڪئي تہ ڪٽي بہ هوندس تہ ماڻهو موڪلي گهرائي وٺندو. پوءِ قصا ڪهاڻيون هلندا ڳجهارتون ۽ پروليون ڏبيون، ڊاڙون ڊشون هلنديون. ڪڏهن ڪڏهن راڳ بہ ٿيندو. يڪتاري جي تار ٽيڪ ٿيندي، گهڙي کي اڳيان ڪري رکبو ۽ ڍولڪ تي هٿ لڳڻ سان الو ميان ٿيندي.

"ڪانگل آءُ تہ ڪيڏي ڏيان جيءَ اندر جيئرو
وڃي بہ ڪاءِ اتهين جتي دوستن جو ديرو
من پچني هڪ پيرو، هيءَ قرباني ڪنهن ڪئي.
پهريان هڪ بہ بيت ڏبا پوءِ ڪلام شروع ٿيندو.
ڪونجان ڏيو تہ خبر منهنجا مارون ڪٽي
مون کي قسمت ڪيو آهي قيد هتي —
ڪونجان ڏيو تہ خبر.

اها ڪچهري ڳپل وقت هلي هلندي تان جو چنڊ لڙي ويندو. هر ڪو آهستي آهستي اٿندو ويندو شهداد خان جون اکيون ننڊ ۾ پرجي ويندبون ڪر موڙيندو، اوٻاسيون ڏيندو پوءِ پوتار جي بادشاهيءَ جو خير چئي ڪچهري پوري ڪبي. آءُ بہ شهداد خان کي خوش ڪرڻ لاءِ بہ ٽي ڪلام ڳائيندو هوس. راڳ وقت ڏسندو هوس تہ ڪوني کان ڪي پاڇا هيٺ نهاريندا رهندا هيا ۽ وري گم ٿي

ويندا هيا. هڪڙي ڏينهن جيئن ٻيڏي بنگلي تان هيٺ آئي تہ مون کي چوڻ لڳي، "ابا، اج شهزادي پڇيو پئي تہ رات اهو ڪلام ڪنهن پئي چيو.

"مان عاشق تنهنجو آهيان

او سهڻا سائين

تون دل ڏي دل ڏي دلبر."

مان ڦونڊ ۾ پرجي پيس، "شهزادي ڪير آهي؟"

"ابا، شهداد خان جي ڌيءُ."

"امڙ، تو پوءِ ڇا چيس؟"

"ابا، مان چيس علوءَ کان سواءِ ٻيو اهڙا ڪلام ڪير چوندو."

ٻيڏي اهڙي ريت روز شهزاديءَ جون ڳالهيون ڪندي هئي جنهن ۾ منهنجو مڙئي ذڪر هوندو هو. آءٌ بہ پيرِ پيو سوڙيان – مولا جي ٿو اگهان تہ سوا رپئي جي منائي ورهائيندس. علاج مهينو کن هليو مگر فائدي بجاءِ بيماري وڌندي وئي. آخر شهداد خان فصل جي موسم جي ڪري ڳوٺ هليو ويو ۽ هڪڙو چوڪرو ديرن جي سنڀال لاءِ ڇڏي ويو. ويندي وقت ٻيڏي ۽ مونکي بہ پارت ڪندو ويو.

شهداد خان هليو ويو – ڪچهريون ماٺ ٿي ويون ۽ وري اباڻڪائي شروع ٿي وئي – ڪوٺي تان پاڇن جو نهارڻ بہ بند ٿي ويو. ٻيڏي جون ڳالهيون بہ چپ ٿي ويون. بہ چار ڏينهن اهڙي طرح اداسائي ۾ مونجهہ ۾ گذريا. هڪڙي ڏينهن ٻيڏي مونکي هڪ رڪيبيءَ ۾ هڪ اٽي جي چاٽي ۾ ڪجهہ سيون لڳل آٽي ڏنيون چيائين، "هي شيون شهزاديءَ تولاءِ ڏنيون آهن." اسان بہ تہ استادن جا هٿ ڏوئاريا آهن، انهي پرولي سلڻ ۾ دير ئي نہ لڳي جواب ۾ مان بہ پڙي ۾ ڪجهہ وار ۽ ڪجهہ تيليون وجهي ڏياري موڪليا مانس. شهزادي جي "چاٽي ۽ سئن"جو مطلب هو تہ تو من ۾ محبت جون ميخون هڻي ڇڏيون آهن ۽ منهنجي "وارن ۽ تيلين" جو مطلب هو تہ منهنجي وار وار کي باه لائي ڇڏي اٿي.

اهڙي ريت نياپا سنيها اچڻ وڃڻ لڳا. شهزادي ٻيڏي کي گل تي جتي ۽ نئون وڳو وٺي ڏنو. هڪڙي ڏينهن ٻيڏي چيو تہ تنهنجي لاءِ نياپو مليو آهي تہ سج لٿي کان پوءِ پنين پاسي ڏاکڻ وٽ ڪو تنهنجي لاءِ انتظار ۾ بيٺو هوندو. سج لٿي مهل ڏاکڻ وٽ ويس ڪنهن ڏاکڻ جو در بند ڪيو ۽ هٿ هٿ ۾ ملائي مون کي بنگلي تي وٺي ويو. علوءَ، دل وش ڏانهن اهڙين نظرن سان نهاريو جڻ ڇئي رهيو هوس هاڻ توکي داد ڏيڻ کان سواءِ ٻيو چارو ئي ڪونهي.

دل وش پنهنجو منهن کٽي ٻي پاسي ڪيو ۽ چيائين، "جي ڪچندس ته ٿانداءَ لڳي ويندءِ تنهن ڪري مني ٻه ماٺ، مُني ٻه ماٺ."

علوءَ جي بت ۾ جڻ مچ ٻري ويو جلندي چيائين، "ڪجهه ته ٻڪ." دل وش علوءَ ڏانهن منهن ڪري چيو "شهداد خان جي دل ۾ پنهنجي رن زال پيڻ جي ملڪيت ڦٻائڻ جي لالچ نه هجي ها ۽ هن جي مڙس مرڻ ڪان پوءِ جلد ئي هن کي پرڻائي ڇڏي ها ته جيڪر ائين نه ٿئي ها جيئن ٿيو ۽ ويچارو علو شهزاديءَ جي در تائين ٻه پهچي نه سگهي ها."

علوءَ جي اکين مان آلا نڪرڻ لڳا، ڳٽا تپي لال ٿي ويس سڙندي چيائين، "خدا جو قسم جيڪڏهن تون اجان ٻه نٿو مڃين ته آءُ توکي صبح تائين پنهنجا سوين ڪارناما ٻڌائيندس ۽ آخر توکي قبول ڪرائيندس ته علو بيشڪ علو آهي."

حفيظ پنهنجي کٽ تان ڇڙ مان رڙ ڪئي، "علو صبح ڪان وٺي اڌ رات تائين پئي ڪوڙ ستيا اٿيئي اجا تنهنجا ڪوڙ ڪٽن ئي نٿا. خدا کي مڃ هينئر ته ڪوڙن ڪان پاسو ڪر." علو ۽ دل وش، حفيظ ڏانهن نهاريو— دل وش اٿي بتي وسائي. علو ۽ دل وش پنهنجي کٽن تي ڪمبل ويڙهي اهڙي ريت ماٺ ڪري سمهي پيا جڻ سڄو ڏينهن ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ڪوڙ ٻڌڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪم ئي نه ڪيو هيائون.

پوڪ

اج جنهن نظرن سان نهاريائين، تن تہ مونکي بلڪل يقين ڏياريو تہ هن جي دل ۾ بہ منهنجي لاءِ ڪجھہ نہ ڪجھہ قرب آهي. سمھڻ وقت پڪو ارادو ڪيم تہ سڀاڻي هن کي پنهنجي دل جي ڳالھہ صاف صاف چئي ڏيندس. سڄي رات پاسا ورائيندي لچندي ۽ ڦٿڪندي گذري. صبح جو دستور کان بہ ڪلاڪ اڳ يعني ستين بجي بجاءِ پنجين بجي اٿيس. ڀلا ڪيان تہ ڪيئن ڪيان؟ اندر ۾ آنڌ مانڌ سمھڻ جو نہ ڏي. اج هن کي پنهنجي دل جي ڳالھہ جنهن تي منهنجي اميدن جو مدار هو ٻڌائڻي هئي، مگر ڪاليج ۾ تہ چار ڪلاڪ هيا، يعني بہ سو چاليھہ منٽ هت تہ هڪ هڪ سيڪنڊ ۾ ساھ تي نڪتو. سوچيم اهو وقت آخر گذرندو بہ ڪيئن. برش ڪيم، بہ پيرا ڪاليناس ٽوٿ پيسٽ لڳائي ڏند صاف ڪيم. ان بعد شيونگ جو سامان ڪڍيم، پھريائين تہ نچڪڻي سان ٻاهر نڪتل ڏاڙهيءَ جا وار صاف ڪيم. ان بعد ڏاڙهي کي برش لڳائڻ شروع ڪيم. ڏھ منٽ ڪن برش انهيءَ خيال کان هنيم تہ پل وار نرم ٿين ۽ شيو بلڪل صاف ٿي وڃي. نئون سيون او ڪلاڪ جو بليڊ ڪڍيم. آهستي آهستي هڪ ڀيرو ڏاڙهي ڪوڙيم ٻيو پٽو ڏنم. هٿ گھمائي ڏنم تہ اجان ڪجھہ کھراڻ هئي ان ڪري ٽيون ڀيرو ابتو پٽو ڏنم هٿ گھمائڻ کان پوءِ محسوس ڪيم تہ ڳل هيئنئر گل ٿي چڪا هيا. ان بعد مڇن جو وارو آيو. وڏي تڪليف ۽ گھڻي محنت کان پوءِ مڇون تلوار ڪٽ بڻيون. ڪپڙن جو ڪبٽ کوليم، مگر مون کي ڪو بہ ڪپڙو پسند نہ ٿي آيو. آخر ڪپڙن جي گھڻي اٿل پٿل کان پوءِ هلڪو بلو سوٽ منتخب ڪيم اگرچ پينٽ جي استري ٺيڪ هئي مگر ڪوٽ جي ٻانهن ۽ ڪالرن ۾ گھنج هيا. نوڪر کي رڙ ڪري چيم، "منهنجي ڪوٽ جي ڪالر ۽ ٻانهن کي يڪدم استري ڪري وٺ." آءٌ غسلخاني ۾ ويس، وارن کي شمپو ڪيم، بت تي ذري گھٽ سڄي چڪي "پيئرس سوپ" جي کپايم، گھڻي مهٽ سهٽ کان پوءِ ٻاهر نڪتس، چھري تي ٿوري "پانڊس ڪريم" لڳائي خوب مالش ڪيم ان مٿان هڪ بہ هلڪا تھہ ڪٽي "ڪيورا پائونڊر" جا چاڙهي، انهن کي ٽوال سان اهڙي ريت اگھي ڇڏيم جيئن پائوڊر ۽ چمڙيءَ ۾ ڪو بہ فرق نظر نہ اچي. وارن کي "جئسمن ڪوڪونٽ هيئر آئل" لڳائي خوب مالش ڪيم مگر جنهن مشڪل مسئلي منجهائي وڌو اهو هو وارن جي بيهڪ. ڪهڙي ريت وارن کي بيهارجي، آيا سينڌ پاسي تي ڪڍجي يا وچ تي يا وارن کي بلڪل پٺتي ورائي ڇڏجي. آخر گھڻي ڪشمڪش کان پوءِ فيصلو ڪيم تہ وار "دليپ اسٽائيل" وڌيڪ دلڪش ٿيندا. ان ڪري

ٻين وارن کي پني هٽائي باقي اڳين وارن کي ٿورو وٽ ڏئي اهڙي طرح پيشانيءَ تي ڪيرائي ڇڏيم جڻ ته ازخود ڪري پيا آهن. هلڪي بلو سوٽ سان گڏ مئچ ڪلر قميص، ٽاءِ ۽ جوراب ڪڍيم. پيرن ۾ ڪروڪوڊائيل اسڪن جو انگلينڊ ميڊ شو وڌم، ٽاءِ کي آمريڪن اسٽائيل ڊبل ناٽ ڏئي ڇڏيم. جڏهن اطمينان ٿيم ته هينئر سڀ ڪم نيڪ آهي تڏهن پاڻ کي پيرن کان وٺي سر تائين آئيني ۾ ڏٺم. ڪڏهن ڪوٽ جي بٽڻ بند ڪري ٿي ڏٺم ڪڏهن کولي، ڪڏهن پينٽ جي کيسن ۾ هٿ وجهي ڪڏهن ٻاهر ڪڍي، گهڻي سوچ بعد ان ڳالهه تي پهتس ته ڪوٽ جا بٽڻ کليل ۽ هٿ پينٽ کان ٻاهر رکڻ بهتر ٿيندو. "ايونگ ان پئرس سينٽ" جي سڄي شيشي پنهنجي ڪپڙن تي لڳايم، ڏٺم ته ڪوٺي ۾ هٻڪار ٿي ويو. واچ ۾ ڏٺم ته اٺ لڳي چڪا هيا. ڊرائيور کي موٽر ٻاهر ڪڍڻ لاءِ چيم. بيٺي بيٺي چانهه جو ڪوپ پي ڇڏيم. ڊرائيور هارن وڄايو. وري هڪ دفعو پاڻ کي آئيني ۾ ڏٺم، رومال ۽ ڪتاب کڻي ٽپ ٽپ ڪندو هيٺ لٿس، ٻاري مان گلاب جو تازو ٽڙيل گل پٽي ڪوٽ جي ڪالر ۾ لڳايم. جنهن وقت موٽر وٽ پهتس تڏهن محسوس ڪيم ته ڪا اهڙي شيءِ وسري وئي اٿم جا مون کي هٿڻ ڪپندي هئي. حافظي تي گهڻي زور ڏيڻ کان پوءِ ياد آيو ته چشمو وساري آيو آهيان. يڪدم اندر وڃي کڻي آيس، جڏهن اکين تي چاڙهيم تڏهن محسوس ڪيم جيڪڏهن چشمو نه هجي ها ته ڪيڏو نه خال رهجي وڃي ها. جڏهن ڪاليج پهتس تڏهن ڏٺم ته واچ ۾ ساڍا نو لڳا آهن ورانڊي ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ لڳس. دوستن ڇيڙڻ جي ڪوشش ڪئي مگر ڪين اهڙيون ڪتيون ٻڌايم جو ڪن ٻوساٽيون هليا ويا. پوري ڏهين بجي پيرڊ ختم ٿيو. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا ولر ڪلاس کان ٻاهر نڪتا. هوءَ به آهستي آهستي ٻاهر آئي، شڪر ڪيم جو هوءَ اڪيلي هئي. جيڪڏهن ڪا سهيلي ساڻ هجيس ها ته پورهيو ئي اجايو وڃي ها. دل کي همت ڏياريم – سيني پيرن فقيرن کان مدد طلبيم. ڏٺيءَ کي سنڀالي اڳتي وڌيس. هن جون جادون ڀريون اکيون مون تي پيون ته منهنجون سموريون قوتون مات ٿيڻ لڳيون. دم خشڪ ٿيڻ لڳو، ساهه تيز تيز کڄڻ لڳو، دل دڪ دڪ ڪرڻ لڳي ۽ نبض بيهڻ لڳي. آخر، جڏهن هوءَ منهنجي قريب آئي تڏهن گهڻي مشڪل کان پوءِ منهنجي واتان نڪتو، "مس جميله" هن مون ڏانهن نهاريو مون هڪ ئي ساهي سان تڪڙو تڪڙو چيو، "ڪجهه اوهان سان ڳالهائڻو اٿم." ڪلندي چيائين، "وڏي خوشي سان." مون سندس چهري ڏي نهاريو. منهنجيون رهيون کهيون متيون منجهي ويون. سوچڻ لڳس ته ڇا چوان؟ آخر چيم، "اوهين منهنجي ڳالهه ٻڌندا؟" "ضرور" هن وراڻيو.

"آءُ چوڻ ٿو گهران.... آءُ...."

“جي”

“معاف ڪندا، مون کي پتو نہ ٿو پوي، ڇا چوان. ڪيئن چوان؟”

“تڪليف جو ضرور ناهي، جيڪي ڪجهہ اوهان کي چوڻو آهي اهو سڌن لفظن ۾ چئي ڏيو.”

“سڌن لفظن ۾، ائين ڪيئن ٿيندو. اوهان ناراض تہ نہ ٿيندا؟”

منهنجي نرڙتي آهستي آهستي پگهر جون بوندون جمع ٿيڻ لڳيون ۽ ڄنگهون ٿڙڪڻ لڳيون.

“نہ، نہ ناراضگي جو تہ سوال ئي نہ ٿو ٿئي.”

“جميلہ، ها سچ پچ آءُ چئي ڏيان جيڪي ڪجهہ چوڻ گهران ٿو؟”

“ضرور” سندس اکين ۾ شرم جي سرخي ڇانئجي وئي ۽ سندس ڳل حيا کان ڳاڙها ٿي ويا.

مون ڳيتون ڪائيندي ۽ پنهنجي خشڪ لبن تي زبان ڦيريندي چيو، “مگر . . . . جيڪڏهن توهان انڪار ڪيو تہ منهنجون سڀ اميدون، منهنجا خواب سڀ خاڪ ۾ ملي ويندا.” مون رومال ڪڍي ڇهري تان پگهر جون بوندو اگهيون.

هن شرم کان اکيون هيٺ جهڪائيندي چيو “ڪجهہ تہ چئو.” مون ڏٺو تہ منهنجون ٽنگون هينئر منهنجي بار جهلڻ کان عاري آهن. پاڻ کي ٽنبي جو سهارو ڏيندي چيم، “آءُ اهڙي مسئلي ۾ منجهي پيو آهيان جنهن جو حل صرف اوهان ئي ڪري سگهو ٿا.”

“مگر اها ڪهڙي ڳالهہ آهي؟” سندس آواز پهريان کان بلڪل آهستي نڪتو جنهن مان سندس دل جي دڪ دڪ محسوس ٿي رهي هئي.

“جيڪڏهن اوهان هائو ڪئي تہ منهنجي لاءِ باعث مسرت ٿيندو ورنہ . . . .” وڌيڪ آءُ جذبات جي جوش کان ڪجهہ چئي نہ سگهيس هن قدم اڳتي وڌائيندي چيو “آخر ڪجهہ چوندا بہ .”

“خدا جي واسطي ٿورو ترسو. منهنجي گذارش بہ پوري ٿيڻ ڏيو.” ٿوري وقت لاءِ سانت ٿي وئي ۽ منهنجي اکين جي اڳيان ترورا ڦرڻ لڳا. “آءُ چوڻ ٿو گهران.” ٻن چئن ڳيتن ڪائڻ کان پوءِ هڪ ئي ساهيءَ ۾ چيم، “امتحان لاءِ اوهان جا لکيل نوٽس.”

مون اڃان ايترو مس چيو تہ سندس ڇهرو ڪاوڙ ۾ ڪارانجي ويو. غصي ۾ چيائين، “پوڪ”. مون کي پتو نہ پيو ڦهڪو اچي هيٺ ڪيم. جڏهن اک کوليم تہ ڏٺم آءُ ڪار ۾ ستو پيو آهيان ۽ ٻہ چار دوست ارد گرد وينا آهن. مون دل ۾ سوچيو واقعي آءُ پوڪ آهيان.

بي شرم

ٻارن فوٽ بال راند تي ڪئي بال ٻوڙندو ٻوڙندو اچي منهنجي پيرن ۾ پيو. مون ڪي بہ موچ اچي وئي سيٽي وڄائيندي نڪاءَ ڪٽي لت ڪئي مانس. بال پڙڪاٽ پريندو. بل ڪائيندو سامهون بينل ڇوڪريءَ جي پيرن ۾ وڃي نڪاءَ ڪيو. ڇوڪريءَ اوچتو ڇرڪ پري مون ڏي شوخ تي ڏنوءِ غصي ۾ چيائين "بي شرم" مون اڪيون ڪٽي نوايون جنهن مان معلوم تي ٿيو تہ منهنجو ارادو اهو نہ هيو.

ڪاليج جو پيرڊ ختم ٿيو ٻاهر نڪتاسين. دوستن چيو اڄ توکي چانهہ پيارٽي پوندي. مون ڪي پنهنجي بجيٽ جي اڳ ئي خبر هئي تہ ڪوٽ ۾ آهي. خيال ڪيم تہ مهيني جون پويون تاريخون آهن. جي ٿو هنن مولائن ڪي هوٽل ۾ وٺي وڃان تہ سندن بيگهي مچي ويندي باقي منهنجو تہ ڏيوالو نڪري ويندو. مهيني جا رهيل ڏينهن پڙيون ڪاٽيون پونديون. مان صفا اٿ هٽي بينس تہ ڪيسا خالي آهن. جن ڇڏي پوت ڇڏي پر هو ڪٽي ڇڏين. هڪڙي چيو اگر پيسا ڪين اٿس تہ آءُ ٿو مفلر گروي رڪانس. تئين ڪٽي هٿ وڌايو مفلر ڏانهن. منهنجي ڇڏ ڇڏان هنن جي وٺ وٺان. اوچتو ڪٽي هٿ ڪڍيائون. خبر تڏهن پئي تہ جو پير اڪڙي ويا ۽ هڪڙي ڇوڪريءَ مٿان اچي ڏڙام ڪيم. بئي ڦهہ هيٺ. ڇوڪريءَ شوڪجي چيو "بي شرم" جان ڪٽي ڏسان تہ هيءَ تہ بال واري ڇوڪري آهي. منهنجا ٽين ڪڙڪي ويا. هينيون هيٺ مٿيون مٿي. وايون بتال تي ويون. واتان اکر نہ نڪري. آخر همت ڪري ٽٽل لفظن ۾ چيم "منهنجو... ڪو قصور... ڪونهي." يڪدم ڪپڙا ڇنڊي ڪتاب ڪٽي پيرن تي زور ڏنم گهر پهچڻ تائين "بي شرم" پئي ڪنن ۾ وڳو. شڪرانہ تي ڪيم جو ايتري ۾ جان بچي. وگر نہ تہ ڪجهہ خدمت تي وڃي ها تہ شڪ ڪين هو. رات جو ڪتاب کولڻ تي پتو پيو تہ منهنجو ڪتاب هن ڏانهن بدلجي ويو آهي ۽ هن جو ڪتاب مون ڏانهن هليو آيو آهي. ڪتاب جي ڪنڊ تي لکيل هو "اشرف" جيترو آءُ نالي تي غور ڪري رهيو هوس اوترو نالو ويو تي وڌيڪ پيارو ٿيندو. صبح جو ڪاليج وڃڻ ڪان اڳ پئڊ ڪڍي ان تي لکيم ، "منهنجو ڪو قصور ڪونهي- معاف ڪندا." ڪاليج پهچڻ شرط آيا (ڪاليج جي پٽيوالي ڪي) چيم تہ هي ڪتاب "اشرف" کي ڏيندا. ٻي پيرڊ ڪان پوءِ آيا مونکي منهنجو ڪتاب آڻي ڏنو. دل ۾ طرحين طرحين جذبا بيدار ٿيڻ لڳا. دعائون تي گهريم تہ من ڪو جواب هجي. ڪتاب کوليم تہ منهنجي اکرن جي هيٺان ڳاڙهي پينسل سان لکيل هيو "بي شرم."

بابي چيو خانصاحب احمد دين جي گهران تاريخ تي ڪتاب ڪڍي آءُ. سندس بنگلي تي پهتم ته در بند هو. در کڙڪايم آواز ڪين آيو. آخر گهڻي دير بعد در کليو ڇا ڏسان ته اشرف ! منهنجون اکيون پٽيل ئي رهجي ويون. هيءَ هٿ ڪيئن، اڳ ته ڪيس ڪين ڏٺو اٿم. يڪدم چيائين، "حڪم صاحب." دل پڏي چيومانس، "اوهان جي ملاقات." شوخ ٿي چيائين، "بي شرم." مون مشڪندي چيو شايد اوهان وٽ ملاقاتين جو آدرياءُ انهن لفظن سان ٿيندو آهي؟" "يڪدم ونو ٽا پنهنجو رستو يا سڏ ڪيان چوڪيدار کي." مون چيو "آيا آهيون ته چانهه پيئڻ کان سواءِ ائين ائين ڪيئن ورنداسين." بلند آواز ۾ پڪاريائين، "چوڪيدار، چوڪيدار." چوڪيدار پاڙ کان به وڏي لٺ سان ڊڪندو آيو. "حڪم صاحب." "ذرا هن صاحب کي رستو ڏيکاريو." ايتري ۾ خان صاحب احمد دين ٻاهر نڪري آيو. "ڇاهي، ڇاهي؟" "مرحبا ٿي رهي آهي." مون وراڻيو. "اڄ، اڄ اشرف تون به آءُ" "هيءَ آهي منهنجي ڀائٽي اشرف. هينئر تازو سکر کان هت آئي آهي ۽ ڪاليج ۾ داخل ٿي آهي." "هي آهي عزيز منهنجي دوست رئيس امير احمد جو فرزند ڪاليج ۾ پڙهندڙ آهي. اشرف عزيز لاءِ چانهه جو بندوبست ڪر." آءُ مشڪندو رهيس ۽ هوءَ وٽ ڪائيندي اٿي وئي، چانهه آئي، خانصاحب احمد دين ڪبٽن مان ڪتاب ڪڍي رهيو هو. "جناب اوهان کي چيم ته چانهه پيئڻ کان سواءِ واپس نه ورندس، اوه ذرا شڪر ڪيم." هوءَ تيز نظرن سان گهوريندي رهي.

شادي طئي ٿي وئي. آءُ بيحد خوش هوس، هڪ شادي ٻيو پنهنجي مرضيءَ تي. هينئر خيال ڪيم ته انهن لفظن جو ڪائنس پورو پورو حساب وٺندس. جڏهن لائون جو وقت آيو تڏهن زور سان مٿو ڪٽي سندس مٿي سان ٽڪرايم. سنهڙي چيخ سان سندس واتان نڪتو "بي شرم."

شاديءَ جي ڪمري ۾ گلابي سيج مٿان، گلابي وڳي ۾ گهونگهٽ ڪڍيو ويٺو هئي. مون اچا ڪمري ۾ قدم رکيو ته گهونگهٽ وٺي سرڪايائين، جيئن آءُ سيج ڏانهن وڌندو ويس، تيئن وئي گهونگهٽ کي سرڪائيندي. جيستائين آءُ سيج وٽ پهتس تيستائين ايترو پاڙ کي ڍڪي ڇڏيائين جو پتو نه ٿي پيو ته عورت آهي يا ڳنڙي، مون کلندي چيو "حسن گهونگهٽ کان ٻاهر سهڻو ٿو لڳي." ائين چئي يڪدم ڪٽي سندس گهونگهٽ مٿي ڪيم. اکين کي شرم کان ڍڪيندي چپن ۾ ڪجهه پڙڪي.

ڀروپي

شڪيلہ جو هٿ آهستي آهستي پنهنجي وارن ڏانهن وڌيو. سندس چوٽيءَ ۾ گلاب جو تازو ٽڙيل گل ظلمات ۾ نور جي ڪرڻن وانگر چمڪي رهيو هو. گل کي ڇڪ ڏئي وارن مان ڪڍيائين. آهستي هٿ وڌائي مجيد جي سفيد ڪوٽ جي ڪالر ۾ وڌائين. مجيد ٿورو مشڪيو. "هي تنهنجي وارن ۾ سهڻو ٿي لڳو."

"هي انهيءَ دل جو تحفو آهي جنهن ۾ صرف تون آباد آهين."

"شڪيلہ روءِ زمين تي هن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو املهہ تحفو ٿي سگهي ٿو. هيءُ اهو تحفو آهي جنهن کي ڏسي ديوتائن جون دليون بہ ريجهي وڃن ٿيون – مان تہ انسان آهيان. شڪيلہ هي تنهنجو تحفو مون کي ساهہ کان بہ عزيز آهي. جيڪڏهن مون کي ڪو دنيا جو سموريون نعمتون ڏي ها، تہ بہ مونکي ايتري خوشي نہ ٿئي ها، جيتري هن گل ملڻ سان حاصل ٿي اٿم." شڪيلہ جو چهرو شرم کان گل وانگر ٻاڙهو ٿي ويو. مجيد ڪنڌ هيٺ ڪري گل کي لبن سان لڳايو ۽ الوداع ڪيائين. اڪيون اکين سان مليون جدا ٿي ويون.

2

"آءُ بلڪل مجبور هوس ڇا ڪريان." مجيد التجا ڪندي چيو. "ڇا ڪڏهن هن کان اول بہ مون دير ڪئي آهي؟ ڪمبخت غفور رستي تي ملي ويو. تو کي تہ خبر آهي تہ هو مچڙو آهي، چنبڙ ٿي پيو. گهڻيون ئي گوهيون ڪيم مگر هن کان جند ڇڏائڻ مجال هئي. آخر پيئنا ڏئي جند ڇڏائي اٿم." ثريا جو چهرو ڪاوڙ کان لال ٿي ويو. "اهڙا ڪوڙا بهانا هن کان اول بہ ڏئي چڪو آهين."

"ڇا توکي هينئر منهنجي زبان تي ڀروسو نہ رهيو آهي؟"

"منهنجي دل جو گواهي ڏئي رهي آهي تہ تون ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهين."

"ڇا آءُ توسان، ڪڏهن ڪوڙ ڳالهائي سگهان ٿو؟" ثريا جي ڪاوڙ ٿوري ٿڌي ٿي، چپ ڪري ويهي رهي. مجيد پنهنجو هٿ وڌائي ثريا جي هٿ ۾ وڌو. ثريا سندس هٿ ڪٽي پري اڇلايو. "مون کي اهڙي ڪيچل پسند نہ آهي."

“ثريا، ڏس مون تنهنجي لاءِ ڪهڙو تحفو آندو آهي. دنيا ۾ هن کان زياده ٻيو ڪهڙو املهہ تحفو ٿي سگهي ٿو. اهو تحفو آهي جنهن کي ڏسي ديوتائن جون دليون بہ ريجهي وڃن ٿيون. هي انهي دل جو تحفو آهي جنهن ۾ تون آباد آهين.”

ثريا جون اکيون، مجيد جي ڪالر ۾ لڳل گلاب جي گل ۾ وڃي کتيون، جو ڪنهن مست جوانيءَ جي امنگن ۽ اميدن وانگر ٽڙيو بيٺو هو. آهستي آهستي مجيد جو هٿ ڪوٽ جي ڪالر ڏي ويو. گل کي ڇڪي ٻاهر ڪڍيائين، پنهنجو هٿ وڌائي گل ثريا جي وارن ۾ وڌائين.

گلاب جو گل ثريا جي وارن ۾ ظلمات ۾ نور جي ڪرڻ وانگر چمڪي رهيو هو. ثريا ٿورو مشڪي، اکيون مليون، هٿ مليا، ڪاوڙ ختم ٿي وئي.

هاجران

چوٿينءَ جو چنڊ اڀرڻ سان ئي لهي ويو. سياري جي رات هڪ ٿڌي ڀي ڪاري. جهوپڙين مان نڪرندڙ دونهون هوريان هوريان بس ٿي ويو. ڳوناٽن جون ڪچهريون ڳپل وقت کان پوءِ ماٺ ٿي ويون – مڪانن ۾ ٻرندڙ مچ آهستي آهستي سرد ٿي ويا. اتر جي هوا سوساٽ پي ڪيا. پاري جي پوڻ جا پڪا آثار هيا. سيءَ کان بچڻ لاءِ مائرن پنهنجي ٻارن کي ڇڪي ڇاتيءَ سان لائي ڇڏيو هو.

پري کان ڪنهن جهونگاريو.

"ڏني جن هيڪار، صورت ساهڙ ڄام جي،
سک ٿي ستيون ڪين ڪي، پري ساڻ پتار."

آواز پهريان ڏيمي نڪتو. پوءِ زور سان چؤطرف ڦهلجي ويو ۽ هوريان هوريان چپ ٿي ويو. هاجران جي دل ۾ جڻ ٻاڻ لڳي ويو. سندس لڇ پڇ وئي وڌندي. دل اڏما ڏيڻ لڳس. پنهنجي چوگرد اک کڻي نهاريائين، هر طرف سانت هئي. سندس ور کي سمهڻ سان ئي اچي نيستيءَ نهوڙيو هو. رکي رکي کونگهرا ٿي هنيائين. ائين ٿي محسوس ٿيو جڻ قيامت تائين اٿڻ جو نانءُ ئي نه وٺندو. هونءَ به ته مرڻ جي ڪنڌيءَ تي هو. سٺ ٻاهٺ جو مڙس. هاجران کي نيٽين ننڊ نه هئي، پئي لڇي ۽ ڦٿڪي. جوان ونيءَ کي پوڙهي ور جي پاسي ۾ پلا ننڊ به ڪيئن اچي. هن پنهنجي گلابي وڳي ڏانهن ڏٺو جنهن تي زريءَ جي جهالر ۽ ستارا لالٽين جي روشني ۾ چمڪي رهيا هيا. هن پنهنجي ميندي رڱن هٿن ۽ پيرن ڏانهن نهاريو جن تي لالائي هيئنر هلڪي ٿيندي ٿي وئي. هن جي دل ۾ آيو ته جيڪر لالٽين کڻي ڪپڙن، گهر ۽ ور کي ساڙي ڇڏيان. ٻه ڳوڙها ٽم ٽم ڪري وهاٽي تي ڪري پيا. پلاند کڻي اکين کي اگهي ڇڏيائين. ڪيس پراٽيون ڳالهيون هڪ ٻي پٺيان ياد اچڻ لڳيون. ڪيئن سهيلين سان گڏجي کوه تي پاٽي ڀرڻ ويندي هئي. جتي ڳوٺ جي جوانن جون ڳالهيون نڪرنديون هيون. هر ڪا حمزي جي واکاڻ مان نه ڍاپندي هئي. سون جي مٽ آهي. ڪم جو جوڌو، ڪاتيءَ جو مڙس، ٻلهاڙي ۽ ملهه ۾ ته ڪنهن کي وارو ئي نه ڏي، ڇانپئي ڏاڙهي، شهپر وڏا، ڀرون جاڙيون، نڪ ڊگهو اکيون شينهن جهڙيون رعب ۽ تاب سان ڀرپور، چپن تي سدائين مرڪ. هن کي ياد آيو ته ڪيئن حمزو ملاکڙي ۾ سوڀ ڪيون پئي آيو. هن کي ڏسي نرڙ مهٽيائين. جنهن جو مطلب هو سلام. خبر نه آهي ته ڇو سندس دلا ڪسڪي ويا ۽ پٽ تي اچي ڪريا. سندس سمورو بت پڄي آلو ٿي ويو. سندس دلن جا ٽڪر چوگرد پيا هيا. هن

ان ڏينهن کان محسوس ڪيو ته هن جي دل به سچي ۽ سلامت نه هئي – اشارا ٿيا، سلام ٿيل نياپا آيا ۽ ويا، سوکڙين جي متاسنا ٿي، لڪي ڇپي ملاقاتيون به ٿيون. اهڙي طرح دليون ويون ٻڌبيون.

مگر اوچتو ڪيس ٿي ويو– سندس ماءُ پيءُ کي ڏوڪڙ ڏنا ويا، ماءُ پيءُ ڇوڪريءَ جي سک جو خيال ڪيو دل جو خيال نه ڪيو – سڀ ڪنهن چيو ڇڱو گهر آهي مال متاع وارو پئسي ڏوڪڙ وارو، ڇوڪري بادشاهي ڪندي، جي گهوٽ عمر ۾ وڏو ٿيو ته ڇا ٿيو. حمزي گهٽي ئي متا ڪٽ ڪئي، پر هن وٽ پئسو ڏوڪڙ ڪٿي؟ هئس ڏاندن جو جوڙو جي ڪٽي اهو وڪٽي ها ته به ڇا ٿين ها؟ چار ڪي پنج سؤ. هت ته هزارن جو سودو هو– دل جو سودو ته اول ئي هاجران ڪري چڪي هئي، هينئر هن جي جسم جو سودو سندس ماءُ پيءُ ڪري ڇڏيو. ڄڃ آئي، شرنايون وڳيون، جهمريون پيون، گهوڙون گهوريون، ديڳيون رڌيون.

لاون ويل هاجران پنهنجي ور جي شڪل ڏسنديئي بيهوش ٿي وئي – مرجهايل گل ۽ ترندڙ مکڙيءَ جو ميل ! ڪنوار کي بيل گاڏيءَ ۾ چاڙهي ڪٽي ڏورٽا ڏنائون.

پري کان ڪنهن دانهن ڪئي.

“سي سڄڻ ٿين مر ڏار، جي هنئين ۾ حل ٿيا.”

گاڏيءَ ۾ ڪنهن ڇيو ڪو جدائيءَ جو ماريل آهي. هاجران جو سمورو جسم ڪرڙيءَ وانگر ڏڪي ويو. اکين مان ڳوڙها ٽم ٽم ڪري وهڻ لڳس.

اڄ وري ساڳيو آواز هوا جي پردن کي چيريندو سندس دل ۾ گهڙي ويو– هوءَ سوچڻ لڳي، “ڇٽبو منهنجو نياپو حمزي کي پهچي ويو، تڏهن ته آيو آهي نه ته ڇو اچي ها.” ڪتن جي ٻاهوڙ ٿي، ڪتي جي ڪوڪڻ جو آواز آيو. ڄڻ ڪنهن ڪتي کي لوڙهه وهائي ڪڍي هجي. ٿوري مهل کان پوءِ وري چپ چاپ ٿي وئي، هاجران پاسو ورائي اٿي. پنهنجي ور ڏانهن ڏنائين جو اڃا تائين کونگهرا هڻي رهيو هو. هاجران گهر ۾ ور کي پوبون سلام ڪري پير پير ۾ پائي ٻاهر نڪتي. اوچتو هلڪي چيخ ٿي وري ۽ وري خاموشي ڦهلجي وئي.

اَن پيهڻ واريون ان لاءِ اٿيون. هاجران جي ڏيرياڻي ڏِڍ جي چاڏي ولوڙڻ لڳي. مسجد مان ملي جي اذان جو آواز آيو. هاجران جي ڏيرياڻي سوچ ۾ پئجي وئي ته پنيرڪي به ٿي وئي آهي ته به اڃا تائين هاجران ڪم لاءِ نه اٿي آهي. شايد سندس گهوٽ جي سڪ اڃا پوري نه ٿي آهي جو اڃا سمهاريو پيو اٿس.

ٻاهران رڙ ٿي “اڙي هي ڪير ڪريو پيو آهي !” سڀ ڊڪندا اچي ڪٺا ٿيا، ڏنائون ته هاجران جي پيرن هينان ڪاري بلا پيل هئي ۽ هاجران جي روح جو پکيئڙو اڏامي ويو هو.

صبح جو حمزو سندس جنازي سان اچي شامل ٿيو. هن جي اکين مان ڳوڙها ٽم ٽم ڪري وهي رهيا هيا جي جڙ چٽي رهيا هيا، “هاجران ڏس مان تنهنجي نياپي تي ملڻ لاءِ ڪٿان آيو آهيان. سياري جي سڄي رات ولهه ۾ تنهنجي ملاقات لاءِ بيٺو رهيو آهيان.”